طارق عالم ابڙو



# لفظن جو ناراض نسل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# لفظن جو ناراض نسل

(شاعري)

## طارق عالم

طارق عالم اڪيڊمي

ڄام شورو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

BOOK NO.2

سمورا حق محفوظ

# لفظن جو ناراض نسل

(شاعري)

طارق عالم ابڙو

پهريون ڇاپو: اپريل، 2012ع

ٽائيٽل: شهزاد علي منگواڻو

اسڪيچ: اي آر آزاد

تعداد: 500

ملهه: 220 روپيا

ڇپائيندڙ: طارق عالم اڪيڊمي، ڄامشورو

LAFZAN JO NARAZ NASUL

(Poetry)

Tariq Alam Abro

First Edition: April, 2012

Title Design: Shezad Mangwano

Quantity : 500 Copies

Published by: Tariq Alam Academy, Jamshoro.

Email: tariqalam.academy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

سمورا سوال رهجي ويا هوا ۾،
فقط احوال رهجي ويا هوا ۾.

هرڻ گم ٿي ويو آ جهنگلن ۾،
۽ پويان چال رهجي ويا هوا ۾.

- طارق عالم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

رضيه طارق جي نالي

|

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# پنهنجي پاران

طارق عالم ابڙو نہ فقط پنهنجي ناول 'رهجي ويل منظر' جي ڪري پر هڪ دلڪش ۽ دل آويز نثر نويس، نرالي شاعر، تخليقي ڪالم نگار، ڄاتل سڃاتل مُصور ۽ ارڏي ۽ بيباڪ شخص هجڻ سبب بہ، سنڌ جي ادبي دنيا ۾ هميشہ پنهنجو هجڻ پوريءَ شدت سان محسوس ڪرايو. هن پنهنجي 53 سالہ زندگي هڪ آرٽسٽ وانگر گذاري ۽ ان جي هر پهلوءَ ۾ تخليقي ۽ فنڪارانہ سُونهن پيدا ڪئي. فنُ، حسنُ ۽ وطنُ هن لاءِ وڏ ۾ وڏا انسپائريشن ۽ اتساهہ جو ذريعو رهيا. ۽ ان ۾ ئي هُو پنهنجي زندگي ڳوليندو رهيو. هن انهن مان ڪنهن سان بہ ٿيندڙ ناانصافيءَ تي احتجاج ڪيو ۽ پنهنجي صلاحيت ۽ حصي آهر گهربل ڪردار بہ ادا ڪيو.

حرفن، ڪتابن، رولاڪين ۽ رنگن سان دوستيءَ جي اڌ صدي ماڻي، هُو 11 جون 2011 تي پوري اعتماد ۽ فخر سان، سنڌ کي 'هالار' ۽ 'لاهوت' جي صورت ۾ ٻہ آرٽسٽ ٻارَ، زندگيءَ دوران ڇپايل 5 ڪتاب، ۽ مختلف رسالن اخبارن ۾ ڇپيل ۽ ٽي وي ڊرامن جي صورت ۾ تخليقن ۽ تحريرن جو هڪ وڏو ذخيرو امانت طور ڏيئي، ابدي سفر تي اُسهي ويو. پر هن جي وڃڻ کان پوءِ بہ هن جي هُجڻ جو احساس ساڳيءَ ئي شدت سان قائم آهي. ڪي ماڻهو وڃي بہ وڃي نہ سگهندا آهن. ڪنهن نہ ڪنهن شڪل ۾، دل ۽ دنيا جي ڪنهن نہ ڪنهن ڪنڊ ۾، هميشہ لاءِ ويٺل محسوس ٿيندا آهن. طارق بہ ايئن ئي رهجي ويو آهي. پنهنجيءَ سنڌ، سنڌي ٻولي، دوستن ۽ پڙهندڙن جي وچ ۾، ڪنهن شهزادي وانگر ويٺو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طارق عالم اڪيڊمي، طارق جي ڪيل هر قسم جي تخليقي ڪم کي سهيڙڻ، محفوظ ڪرڻ ۽ پڙهندڙن تائين پهچائڻ جهڙو نيڪ مقصد کڻي، قائم ڪئي وئي آهي. هيءَ اڪيڊمي طارق جا ڇپيل توڙي اڻ ڇپيل سمورا ڪتاب ٻيهر ڇپائيندي ۽ طارق تي ٿيندڙ هر قسم جي علمي ۽ تحقيقي ڪم کي اتساهيندي هر سال، 10 اپريل کي طارق جي ڏينهن طور ملهائڻ سميت، ان موقعي تي طارق جي تخليق ۽ تحرير جي ميدانن مان ڪنهن به هڪ شعبي ۾ "طارق عالم ايوارڊ" پڻ ڏيندي، جنهن جي چونڊ ۽ معيار جو تعين اڪيڊميءَ جا ميمبر گڏجي ڪندا.

2012ع ۾ اسان طارق تي لکيل سندس پياري دوست نصير مرزا جو "طارق-ڪتاب" ، طارق جو شعري مجموعو "لفظن جو ناراض نسل" ۽ مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ طارق جي لکيل ڪالمن جو ڪتاب "ڪالم-ڪهاڻيون" شايع ڪري رهيا آهيون، جنهن سان ان خواب جي ساڀيا جي ابتدا ٿي آهي، جيڪو طارق جي دوستن ۽ پڙهندڙن گڏجي ڏٺو آهي.

- طارق سنڌيءَ جو حقيقي معنيٰ ۾ هڪڙو ورسٽائيل ليکڪ آهي، جنهن جي هر ڪا تخليق پڙهندڙ جي دل کي ڪنهن سِتار جي تارَ وانگر ڇيڙڻ جو ڪم ڪري ٿي. هن جي شاعري ڪن عام فني ڪمزورين هوندي به نهايت پُر اثر ۽ منفرد سياءَ جي مالڪ آهي، جنهن ۾ رات جي راڻيءَ وانگر هڪڙو نه نظر ايندڙ ۽ جادوءَ سمان هُڳاءُ آهي. هُو منظرن ۽ ڪيفيتن کي، تخيل ۽ فن جي گڏيل عَرق سان ڳوهي ٿو- ۽ حرفن جا ميڙ شعرن جي صورت وٺي، پوپٽن وانگر اڏامڻ ٿا لڳن! جيئن هو پنهنجيءَ هر 'ادا' ۾ هڪ ڏار شخصيت جو مالڪ آهي، ايئن ئي هُن جي شاعري به هڪ الڳ رنگ جي لڪير محسوس ٿئي ٿي، نئين ۽ نرالي- 'طارق- نما'!

- اسحاق سميجو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# پري پري تائين!

هونءَ تہ زندگي پنهنجي نيم سان جابلو نئن وانگر وهندي ٿي رهي، لڙائي، تيز هر شئي کي ڇڪي پاڻ سان ڪٽي ويندڙ ڪٿان ڪڙڪي سان، ڪٿان مانار سان. ليڪن ماڻهو پاڻ کي ان وهڪري ۾ لڙهندو تڏهن محسوس ڪندو آهي، جڏهن ڪوئي زندگيءَ جي لڪير ڇڪي ڏيندو آهي، ڊيڊ لائن. ماڻهو زندگيءَ کي فاني سمجهندي بہ فاني تصور ناهي ڪندو. پر ٽائيم لمٽ مقرر ٿيڻ کانپوءِ اصل ۾ ڪو بہ ٽائيم ناهي بچندو. ڇا کي اوليت ڏجي. ڪهڙي شئي کي اهم ۽ غير اهم سمجهجي! جڏهن داڻ ۾ فقط ڪجھ ورهيہ يا ڏينهن ملندا هجن.

طارق جي گردن جي پيوندڪاريءَ جي ڪامياب آپريشن کانپوءِ ڪرامويل جي ڊاڪٽر هن کي کلندي چيو: "چوڏهن سالن جي لائف گارنٽي مان تو تو کي ڏيان. انهن چوڏهن مان ڏھ سال گذري چڪا آهن." اهڙي ڳالهہ جو اظهار بہ طارق، ڪيئي سال اڳ نصير سان ڪري چڪو هو.

اهڙيءَ صورتحال ۾، خبر ناهي تہ هو موت کان ڪيترو مرعوب هو. پوءِ بہ هن ڪجھ اوليتون ضرور مقرر ڪري ورتيون هيون. مثال طور: ڪارٽيزون جي لاڳيتي استعمال جي ڪري سندس ساڄي اک ۾ ڪيٽرڪٽ پوڻ ڪري ڊاڪٽر اهو انديشو ڏيکاريو تہ "اهو اڳتي هلي وڌندو ۽ ڪاٻي اک سان بہ مسئلو ٿي سگهي ٿو ۽ اهي ڪارٽيزون بند نہ ٿيون تہ تون سواءِ انچ ڏيڍ جي مفاصلي جي، ٻيو ڪجھ ڇٽو پٽي نہ سگهندين".



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

۽ هُن ڪائنات جي هر ننڍي وڏي نظاري کي ٻيهر اکين مان ڪڍڻ شروع ڪيو. بلڪ ڪئمرا وانگر ان نظاري کي اکين ۾، شعرن ۾ محفوظ ڪرڻ جو ارادو ڪيو. ۽ هن جي آرٽسٽ اکين ڪيترن ئي ڏيکن، چهرن ۽ احساسن کي قابو ڪندي 'مورن اوچا ڳاٽ' ترتيب ڏنو/تخليق ڪيو.

'مورن اوچا ڳاٽ' هائڪو شاعريءَ جي حوالي سان هڪ خوبصورت مجموعو آهي. جنهن ۾ ڪيئي احساساتي منظر قلمبند ٿيل آهن. تنهن هوندي به طارق جي سڃاڻ هڪ ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار واري ئي رهي. اصل ۾ طارق جي ڪهاڻين ۽ احساسن، جڏهن به اختصار جي انڱي پئي اوڏي، تڏهن انهن شاعريءَ جو روپ اختيار پئي ڪري ورتو. ۽ نظم چڻ سندس منظوم ڪهاڻي بڻجي پئي ويا.

طارق عالم جي هن مجموعي ۾ ڏنل شاعري پڙهندي محسوس ٿئي ٿو ته طارق فطرت پسند ۽ نگاهن سان منظر فلمائيندڙ شاعر هو. جنهن پنهنجن احساسن کي شاعريءَ جو روپ ته ضرور ڏنو آهي، پر ڪنهن عام شاعر وانگر رڳو قافيه پيمائي ناهي ڪئي. هن جا ڪجهه شعر/ غزل ته آهن ئي بنا قافيي جي (جن کي غزل چوڻ مناسب نه ٿيندو) تنهن ڪري، هن جو اڪثر ڪلام رنگن سان ڀريل ٿالهه يا ريشم جي ڪليل ٿانن وانگر محسوس ٿيڻ جي باوجود. پڙهڻ ڪانپوءِ ڪنهن اهڙي اداسيءَ ۾ ٻڏل احساس کي جنم ٿو ڏئي، جيڪو سمنڊ ۾ ڪرندڙ سج جي ڏسڻ سان پيدا ٿيندو آهي.

تون جنهن کي پٽرن جو ڍير ٿو چئين،
سا منهنجي ماءُ جي تبر آهي.

-

اسان جي ڀاڳ ۾ آهين نه آهين،
اسان جي خواب ۾ آهين مگر تون.
نه هو پيغام اڄ بي ڪو پرينءَ جو
هوائن جا پلوَ کولي پڙهيائين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

متايا اُس پاچا پئي اڱڻ ۾
غمن جا ڇڄ ڳُر سر تي چڙهيائين.

جڏهن جا احساس منظرن مان تا جنم وٺن ۽ هوانهن احساسن کي وري منظرن جي خوبصورت تشبيهن سان نظم جو روپ تو ڏئي ۽ اها ڳالهه هن جي ڪلام ۾ تمام جهجهي اندام ۾ تي ملي. هوائن جا پلوَ کولي پڙهڻ اڱڻ ۾ اس جا پاسا متائڻ, غمن جي ڇڄ چڙهڻ وارون ۽ ترڪيبون نقط طارق وٽ آهن.

توڙي جو اهي منظر نوان هرگز ڪونه آهن. پر اهي شاعريءَ ۾ به اهڙيءَ ريت بيان ناهن ڪيا ويا. جو نه انهن کي. اهڙي ريت نقط طارق عالم جهڙو مصور شاعر ئي پيش ڪري ٿو سگهي. جو هو بنيادي طور هڪ مقصور آهي لفظ هن لاءِ ميڊيم يا اظهار جو وسيلو آهن. رنگن جي جاءِ تي.

سمونڊن تي سيگل ڏسي ايئن لڳو
اڏايا هجن. ڪنهن سوين خط ڪنا.

-

سرءُ جي شام هو وسرام لڪ لهي پيو سج.
هوا لڏي پئي وڻ ۾ اداس آهي ٿل

-

هي ڪاريءَ جو ڪنڊ لڙهي ٿو
يا سنڌوءَ ۾ چنڊ لڙهي ٿو.

-

چوڪري آهي يا ڏکٿاري.
اڪ ان جي هزار ڏنگ آهي.

-

نديءَ جو چوڙ ساگر ۾ ٽئي ٿو
محبت جا هزارين چوڙ آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طارق جي شعر ۾ ڪنهن به قسم جي مصنوعيت نه آهي، نه لفظن جي هيرا ڦيري نه ڏک جو ڏيکاءُ. هو سنڌ جو سچو آرٽسٽ ۽ درد مند ليکڪ/ شاعر آهي. هن وٽ پنهنجا پور ۽ سنڌ جا سور رليا مليا پيا آهن. هن سنڌي جي سورن کي تبليغ بدران تخليقي انداز ۾ پيش ڪيو آهي. پوءِ اهو بينظير جي شهادت جو هاڃو هجي يا ٻوڏن جون تباهيون. خواب هن جا پنهنجا ذاتي هجن يا عام جا. جيڪي ڏهه ڪلو اٽي لاءِ قطارن ۾ بيٺل هوندا هئا، ۽ هن کي ڪڏهن ٻست بن التيون ڪندي محسوس ٿيندا هئا ته ڪڏهن روح جي تختين جهڙا جهوپڙا لڙهندا نظر ايندا هئا.

هي ڪنهن جا خواب ٿا لڙهندا وڃن پيا
سنڌوءَ جي لهرن ۾
هي جهرندڙ جهوپڙيون آهن
يا منهنجي روح جون تختيون پيون وڪرن
هي ننڍڙي وِچ، تري هڪ وار ظاهر ٿي
وري گم ٿي ته گم ٿي وئي

ريل جي ڪوڪ اندر ڪي پئي پرڇائي،
دل ته ڏڙڪي پئي، پر جسم ڪٿي بي ناهي،
لڙڪ لرزي ٿو مگر نيڻ ڪٿي بي ناهن،
درد آهي ته سهي، زخم ڪٿي بي ناهي.

سنڌ جو آسمان مون کان پڇي ٿو
بينظير ڏٺي؟
۽ مان پنهنجي پنل اکين سان،
زمين کان آسمان تائين،
گلن جي پنکڙين جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هڪ اڻٽڪ طوفان کي
ٽيريون پائيندي ڏسندو رهان ٿو.

هن جو نظم سنڌ يونيورسٽي ته جڻ ڪائنس حسرت پري موڪلائي آهي.

جي به خواب پوکيم، رات جي زمين ۾،
سي اجا ڪڙيا نه ها، ڪنهن هڏل زمين ۾.

حسرتون ته بيون به هيون. جيڪي شاعريءَ جي نوٽبڪن ۾ گلاب جي پتين وانگر سوڙهيون ٿي سُڪي رهيون هيون.

پري جهول آئي ستارن جي رات،
مگر تون نه آئين ته هوچا ڪري!

هي سڀئي هن چيون ته الاءِ ڪنهن لاءِ هيون. پر مون کي لڳو ته جڻ هن پاڻ لاءِ ئي چيون هجن.

رات گهاري هليو ويو هو به،
بس گذاري هليو ويو هو به.

هرڻ گم ٿي ويو آ جهنگلن ۾،
۽ پويان چال رهجي ويا هوا ۾.

هن جو نظم 'هوا ڪيلوئي ته هو'، جڻ سندس سيلف پورٽريٽ آهي.

مزارن تي ويٺل ڪبوتر جيان پاڻ ۾ گم
خدا جي وليءَ جي مجاور سمان.

هن جي شاعريءَ ۾ خود ڪلاميءَ واري ڪيفيت به آهي ته تخاطب واري به. جنهن ۾ تخليقڪار جو ڪجهه پنهنجي شعور واري سگهاري اک سان، ڇهين حواس سان ڏسندو ۽ محسوس ڪندو آهي. ان جي آگاهي ۽ چتاءُ به ڏيندو ويندو آهي.

13۔لفظن جو ناراض نسل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پُر اعتماد. سڀ ڪجهہ سمجهندي بہ. سڀ ڪجهہ لاءِ تيار. "بس لکيوسين، پڙهيوسين، پيار ڪياسين. پيو اچا ڇا ڪيون ها!"
طارق اسان کان ان عمر ۾ جدا ٿي ويو جيڪا تخليق جي حوالي سان سنڌ ناهي هوندي. سنڌس عمر ايڏي نہ هئي جنهن ۾ تخليقڪار پنهنجو وقت ويلي ويلي يا ڪتابن پڙهڻ ۾ گذاريندو آهي. طارق کي مهلت ملي ها تہ هو اسان کي اچا گهڻو ڪجهہ ڏئي ها. ان ڳالهہ جو احساس ڪيس بہ ضرور هيو.

ٿا جاڳن ڳوٺ ڳالهين جا اکين ۾!

پر سيني شين کي اڌورو ٿي رهجي ويٺو هو. سندس هڪ ننڍڙي نظم جون سٽون آهن تہ:

منهنجي مرڻ سان
ڪيترين ڪهاڻيون
ڪيترا ناول
ڪيترا ڊراما مري ويندا.

اڄ جڏهن هو ڄامشوري ۾ وڻن جي جهڳٽي پرسان. پٿريلي زمين تي. جنهن طرف هو اڪثر سنڌي ادبي بورڊ واري آفيس جي دريءَ مان نهاريندو رهندو هو. هڪ ڊگهي سپني ڏسڻ لاءِ سمهي رهيو آهي. تڏهن ايئن پيو لڳي جڻ سنڌس آڱرين جي گرفت مان ڪيترا ئي پنا ڇڏائجي ويا آهن. جيڪي هوا ۾ سوين سيگلس وانگيان اڏامي رهيا آهن- جن کي ڏسي. سوچجي ٿو. الائي تہ ڇا لکيو هوندائين انهن تي!!

علي دوست عاجز
16.03.201
حيدرآباد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مَنَ تي ڇانيو مونجهارو
عشق چوي ٿو تنها رو٘،

موسمَ، گُلَ کان اڪِ ڦيريءِ
پَنَ ڇَڻ ٿيو هر ڪو چارو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر



# غزل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ٽِسن ٽا نيڻ نماڻا، پري پري تائين،
اوهان جا رنگ او راڻا، پري پري تائين.

ڪناري بيٺا هئاسين، ڪُڏيون پئي لهرون،
پکي هوا ۾ اڏاڻا، پري پري تائين.

سفر ۾، ڪالهه هئا ۽ سفر ۾ اڄ آهن،
نه جن جا ٿاڪ ٺڪاڻا، پري پري تائين.

نگاهه عڪس ڪي موتئي جي ماڪ، ڏنڏلايو
سمورا ڏيک اجهاڻا، پري پري تائين.

وڳو گهڙيال ۾ هڪ هو جو سانت ڪمري ۾،
اوهان جا ٺهڪ ٻُڏاڻا، پري پري تائين.

ڇڏڻ جي لاءِ جهان ڪي، جڏهن به سوچيوسين،
اوهان جا سَڏ ٻُراڻا، پري پري تائين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سمورا سوال رهجي ويا هوا ۾
فقط احوال رهجي ويا هوا ۾

هرڻ گم تي ويو آ جهنگلن ۾
۽ پويان چال رهجي ويا هوا ۾

تا جاڳن ڳوٺ ڳالهين جا اکين ۾
اڌورا حال رهجي ويا هوا ۾

سُريلا ويا لڏي سنگيت ميڙي
وساريل تال رهجي ويا هوا ۾

هوا ميڙي وئي جو نيڻ هن جا
ٻڙيون ۽ خال رهجي ويا هوا ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

لئمپ جَلي چپ چاپ مٿس مُسڪايو پئي،
فريم تيل فوٽوءَ ۾ ان، هُن ڳالهايو پئي،

نيڻ بهارن واريءَ، پوپٽ ڇوڪريءَ،
گُل گلابي، سوئيٽر تي سونهايو پئي،

دل تي هٿ ڌريندي، آيس ياد پرين،
دردَ ـ وڇوڙي تي، ڪيڏو پڇتايو پئي

پيجَ پنيءَ جي ماٿ مليءَ ۾ شيخ اياز،
ڪنهن راڳيءَ ڪان گيت نئون ڳارايو پئي

وينٽڙا، مُور نہ هاٿي موتي اڇتا هن،
هٿ جي آڱر، لڙڪن کي سمجهايو پئي،

شاعر ڪوري ڪاڳر تي اتهاس لکي،
لفظن جو ناراض نسل پرچايو پئي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪيتي ڪُتي تِي وچي راتِ، ڪا خبر ناهي،
ڪِتي تُتي تي وچي باتِ، ڪا خبر ناهي.

دلين جا قافلا ڪيهڙي سفر ۾ لُتجي ويا،
ڪِتي هنئي هئي بِرهه گهات، ڪا خبر ناهي.

هئس جي گڏ، چيئين سچُ، تي ويو تنها،
هي جِيتَ، ڪنهن جي هئي ماتِ ڪا خبر ناهي

چئي ويو هو اچڻ لئه، وري نه سو موٽيو
انهيءَ کي ڳولي تي پرياتِ؟ ڪا خبر ناهي.

اسين فقير، مسافر، محبتن جا سفير،
پڇو تا ڪيهڙي اٿئون ذات، ڪا خبر ناهي.

سڙي مري ويا جهنگل، سُڪي ويو درياءَ،
ڪٿان اچي تي پکين لات! ڪا خبر ناهي.

جلي پئي تي ردا ۽ ٻري پئي اخبار!!
وسِي تي باهه، يا برسات، ڪا خبر ناهي.

جُدا ٿيڻ کان اڳي، ڪجهه کلي ملي ته وڃون،
ٻي يا نصيب ملاقات، ڪا خبر ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

آجل اويلو ايندو آ اعلان جيان،
عشق اويلو جيئن اچي، مهمانَ جيان.

نظرن ۾ هي ڪهڙو جادو ٿيندو آ!؟
ڏيٺ نہ جنهن سان ويٺ، لڳي جِند جان جيان.

رات ستارن ساهہ پٽيو صدين ڪانپوءِ،
عاشق جليا رات ها، شمعدان جيان.

ناصح ايڏي نصيحت ڪئي ديواني کي،
پاڻ نسورو بڻجي ويو نادانَ جيان.

لفظ هئا، يا زهر ٻڏا ڪي تير هئا،
ويا وجودان نڪري، ڪڙڪڙ ڪانَ جيان.

ساهہ جي تند کان ڪچا رشتا دنيا جا،
ڪُنهن موڙي تا ٽڙجن، ڪنهن طوفان جيان.

خَطَ سمورا ساڙيئين، من جي ئي آڏو
۽ هو اندران ڪاميو 'آتش-دان' جيان.

ٻار رُني ٻن پئسن جي شئي جي خاطر،
لڙڪ پي چمڪيا نيڻن ۾ ارمان جيان.

زالَ ڪتاب ۽ ٻار بنا گهر، ايئن لڳي،
ڪرفيو ۾ ڪو شهر لڳي سنسان جيان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڌرتيءَ چوڪيدار لڳي ٿو ڪو مون کي هو ڇڻ،
صوفين جو سردار لڳي ٿو پوڙهو ٻڙ جو وڻ.

ڪيڏيو مون سان چانءِ ۾ پاليئين، منهنجا لڙڪ اُگهيئين،
منهنجو ڪو دلدار لڳي ٿو پوڙهو ٻڙ جو وڻ.

تارا جاڳن، چنڊ بہ جاڳي، ٿي ويتر ٻيچين،
جهُونو ڪوتاڪار لڳي ٿو پوڙهو ٻڙ جو وڻ.

شام سَمي جو پنڇي گهر ٿين، هن جي زلفن ۾،
پکي-پالڻهار لڳي ٿو پوڙهو ٻڙ جو وڻ.

سچل، سامي، شاهہ ڀٽائي، سڀ جا سُور سليئين،
تاريخي "ادوار" لڳي ٿو پوڙهو ٻڙ جو وڻ.

سنڌو نديءَ جي ڪپ تي جاڳي اجڙيل خواب سڀي،
ڪوئي اپرم پار لڳي ٿو پوڙهو ٻڙ جو وڻ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

چو نگاهن جا پيو ورق ورائين اي دوست!
چو نہ نيڻن جي نديءَ ۾ تو سمائين اي دوست!

چو نہ بادل جيان برسين تو پلا منهنجي مٿان،
چو ٽيپهريءَ جيان هي وڻ تو جلائين اي دوست!

دل وساري آ ڇڏيو ياد ۾ تنهنجي ڏڙڪڻ،
چو نٿو ساهہ پري دل کي جيارين، اي دوست!

هيٺ ڌرتيءَ جي نظارن ۾، مٿي تارن ۾،
هر طرف تون ئي فقط تون ئي سُونهائين، اي دوست!

وقت بي وقت کلڻ ۽ پريءَ محفل ۾ روئڻ،
چو نہ ديواني کي دل سان تو لڳائين، اي دوست!

نہ سهي عشق، محبت، تنهنجي چاهت نہ سهي،
چو نہ نفرت جيان دِل ۾ تو وَسائين اي دوست!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جلائي نيڻ ڪَڙڪيءَ ۾ رکيائين،
انڌيرن ۾ پرھ تائين تڪيائين.

نہ ھو پيغام اڄ ٻيءَ ڪو پرينءَ جو،
ھوائن جا پلئہ کولي پڙھيائين.

ڏٺايا اُس پاڇا پئي اڱڻ ۾،
غمن جا ڇَڄَ ڳُھ سُر تي چَڙھيائين.

جڏھن ٻيءَ رَنجُ ڪو پُھتس آويلو
رِسالو شاھ جو کولي پڙھيائين.

لڳائي ميخ ھڪ ديوار دل تي،
محبت لفظ کي ان تي ٽنگيائين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

دريءَ مان رهجي ويو پنتي نظارو
لنگهيو واديءَ مان پئي گمنام چارو.

ڏني هڏڪي پهاڙن جي پٿيان سج،
ويو رنگجي شفق سان ڏيک سارو.

ٻکن ۾ هئي محبت جي 'تمنا'
هيو حيران جنهن تي پاڻ پارو!!

پلي ويو راهه پنهنجي راهي جنهن دم
بڻس نگران هڪڙو ننڍڙو تارو.

مصور جي تصور کان حسين هو
هيو . ڳوٺ لئه کلهه تائين کارو.

ڦُٽو چشمو سڪل درياءَ پر ۾
ش ا ي پيو سارو اجارو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

دور تائين ڪابه منزل ڪونه آ،
درد جو ڪو انت آخر ڇو نه آ.

چوڌسا چمڪن پيا چهرا مگر،
جنهن جي ڳولا ۾ نگاهون، سو نه آ.

موت پيرانديءَ کان تو گهوري، ڪِلي،
جي اچين هاڻي هلي آ، پو نه آ.

رُت بسنتي رنگ برسائي پئي،
تهڪ جي موسم ۾ سانئڻ رو نه ـ آ.

عشق جي راهن ۾ جيڪو ٿيو شهيد،
تو رهي زنده سو 'طارق'، مئو نه آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

رهجي ويو پنتي رستو
تنهن کي ياد ڪري ڪو ڇو؟

روز ملي تو ساڳي هنڌ،
ماڻهو آهي يا وڻ ڪو.

دل پڳي هئي يا شيشو
بس آواز ٿيو۔ او۔ هو!

تو جو ايڏو ڇرڪ ڀريو
پاڙي جو آ در کڙڪيو.

هئو پرديسي، هليو ويو
هن کي ياد ڪري پيو رو.

ماڻهن جو ڪم آهه ڇوڙڻ
تو به نه مون کي ايئن ڇيو.

علم گرو پر ان کان پي،
ٻار جو گورو هو تيلهو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

حياتي ڏينهن ٻنڙيہ درگذر ڪر،
جيئڻ چاهين تہ سڀ ڪجهہ درگذر ڪر.

نہ ٻاڙو ٻول ڪنهن سان، يار جاني!
مٺو پاڻي ٿِي، ڪارو درگذر ڪر.

ڏسي توکي ڪيو جنهن اڻ ڏٺو آ،
انهيءَ انسان کي تون درگذر ڪر.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مَنَ تي ڇانيو مونجهارو
عشق ڇوي ٿو 'تنها رو'.

موسمَ، گُلَ ڪان اک ڦيري،
پن ڇڻ ٿيو، هرڪو چارو.

هر ڪڙڪي تي دل ڏڙڪي،
آئيني تي جِئَن پارو.

تون جي ناهين او – سانئڻ،
چَنڊُ لڳي ٿو ويچارو.

درد وڇوڙي جي ماڪي،
دل ۾ جوڙيو مانارو.

اک ۾ خواب هئس روشن،
پاڻ اُجهاڻل هو سارو.

لهرن تي خالي ٻيڙي،
ڪينجهر، مان، تنها تارو.

وسڻي وسڻي سَئَن هٽي،
سَچُ ونڊي ٿو وڻجارو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

محبت مئہ نہ آهي، مئہ ڪشي آ،
چپن جي اوٽ ۾ لڪيل ڇسي آ.

خزائن ۾ اڪيلي شام وانگر،
بهارن ۾ گلن جي خودڪشي آ.

هي لڙڪن جي تسلسل جي آ تسبيح،
هي ڦاهي گهاٽ جي ريشم رسي آ.

بديسي ديس کان پهتل پکين جي،
ٽڪل جسمن ۾ جاڳيل بي وسي آ.

ٿي ڇنڀڪ ڇيلهہ تي هر لحظو لڙڪي،
ڳتيل وارن ۾ سا قيدڻ سڳي آ.

جا چاڏيءَ ۾، چڪر ڪاٽي، مکڙ لئہ،
سا ٻڌي ڪير جي بدلي لسي آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

راند روند ۾، ٻار جو ٻال، ويو گم ٿي،
ٻاروتڻ جو هڪڙو سال، ويو گم ٿي.

شهر ۾ آيل، سنڌي ٻار جي ٻوليءَ مان،
هارونن جي گوڙ ۾ ڏال ويو گم ٿي.

موهن ’ماضي‘، ’مستقبل‘، درياءُ ٻئيو
مينهَن اوسيئڙي ۾ ’حال‘ ويو گم ٿي.

وسريل گهرجي، دروازي تان آخر ۾،
ڳريل سڙيل، گهوڙي جو نال، ويو گم ٿي.

سال اڳي، ديوار مٿان، "دِل" لکيو هوم،
تيز لُڪن ۾، دل جو دال، ويو گم ٿي.

هُوءَ هلي وئي، رستا وچڙيا، نيڻ ڀنا،
هورياں، هوريان، ماه ۽ سال، ويو گم ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

شهر هوندي جڻ ته بَرَ ۾ آهيان.
گهور انڌيارو سفر ۾ آهِيان.

آرسيءَ ۾ عڪس ڌنڌلو ٿي ويو
يا خدا، هي ڪهڙي گهر ۾ آهِيان.

ڳوٺ منهنجو هو، مگر ناهي رهيو
اجنبي ڳلين جي وَرَ ۾ آهِيان.

ڀِتِ تي تاري جي پرسان ڪير آ؟
بارشن کان پوءِ ٿر ۾ آهِيان.

چار ڪمرا، نم جو وڻ، خالي اڱڻ.
مان اڪيلو پنهنجي گهر ۾ آهِيان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ڪوئي ناهي جو اکيون چار ڪري،
هن مسافر سان کُلي پيار ڪري

وقت، تلوار جان ڳپي ڪوري،
پيو زماني کي، ڏار ڏار ڪري

تنهنجي دردن کي تون ورايان جيئن،
ڏڻ پُنيان ھُوڪرا ڏنار ڪري

چانوَ ڏرتي جي لئہ، چڏيو توري،
هيءَ گذارش تون وڻ جو ڏار ڪري

لوڻ، زخمن تي مُرڪ تنهنجي آ،
اهڙو خالق، نہ غمگسار ڪري

روز 'ھاڪر'، چڏي وڃي تو لاش،
روز اخبار، سوڳوار ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جڏهن بہ آئي، تنهنجي ياد ڪٺي شام آئي،
لڙيو آ سِجُ پڪيڙي ازل جي تنهائي.

نگاهہ ساڳي، سڃاڻپ مگرِ نہ ساڳي ڏسي،
ڪنيئين جا وِکَ خوشي مان، اٿئين سا موٽائي.

چون ٿا عشق، نگاهن جو نُور تيندو آ،
ڪڏهن تہ طُور جو جلوو پَسائي بينائي.

ڪٿي هي 'مهر علي' ۽ ڪٿي هُو تنهنجي ثناء،
عبادتن جي سفر آهي، راه مهڪائي.

اهو ئي وقت، اهو وڻ آ، ساڳيو رستو
لڙي آ رات، ستارؤ تہ ڇو نہ هوءَ آئي!؟

جلي پي شمع، خيالن ۾ گُم هيو ڪمرو
خيال ڪهڙي تي لرزي، ڇو لاٽ شرمائي!؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

رم جهم برکا، جهلمل تارا، تنهنجا خط
ساگر صحرا، خوشبو چارا، تنهنجا خط

چنڊ جيان تا چمڪن منهنجي ڳوٺ مٿان،
روشن جن سان، پنيون پارا، تنهنجا خط

وڻ جي سيني ۾ دل ڌڙڪي مالهيءَ جي،
منهنجي دِل ۾ ڌڙڪن سارا، تنهنجا خط

بندَ ڪتاب جي ورقن ۾، جيئن زرد گلاب،
يا ڪي وسريل پوپٽ پيارا، تنهنجا خط.

تون جي ناهين، سارَ اهائي ساڳي آ،
رُسي پرچڻ، مُرڪَ اشارا، تنهنجا خط.

ماٺهو آهي سپنو ملندو سپني سان،
رهندي ياد، ڪي لفظ نيارا، تنهنجا خط.

شام بهارن ساريو وچڙيل پتن کي،
مون کان وچڙيه جيئن تو ساريا، تنهنجا خط.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

حُسن، آئيني جِي شيشہ گري آ،
يا شيشي تي، چُمِين جا پيرَ آهن.

بڻائي جام، ڪاغذ مان، پَري خيالَ،
ڪيا شاعر، 'خُماري سٽر' آهن.

خدا جِي، بَرتري بيشڪ-برابر،
هي سجدي ۾، اسان جي ڪير آهن!؟

قلم پوڙيءَ ستارن جي، سحر مان،
نچوئي نُور خلقيا شير آهن.

هر هڪ سوداءَ ۾، سٺو گهاٽ جيڪي،
نصيبن جي هَنيا، شمشير آهن.

بلائُن، بي گُريون، موں ڪي ڪنديون ڇا،
اوهان جون 'بد-دعائون' ڍير آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڏٺل گهر جي دريءَ ۾، اجنبي چهرو نظر آيو
نئين ڇهري تي بيٺل، زلف جو پهرو نظر آيو.

فرشتو هو جڏهن ٻارن جيان معصوم هوندو هو
تيو ڪوڙو تہ هُن جو رنگ پڻ گهرو نظر آيو.

ويو لُڙڪن ۾ ٻوڙي، عشق جو قصو ٻڌائيندي
هُو جيڪو شخص مون کي، هر گهڙي ٻهرو نظر آيو.

قسم کائي وِٺي معافي، وڏيو سرچاءِ لاءِ مون ڏي،
تہ هن جي نيٺ ۾ 'ڪچريل' جو لِهرو نظر آيو.

عجب هو شخص جيڪو نہ ٻہ مون کي مليو "طارق"،
ڪڙو ظاهر ۾، باطن ۾ مگر چهرو نِظر آيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اڻ سليل ڪو راز آهي زندگي،
موت کان ناراض آهي زندگي.

سوز جي تالاب ۾ ٽڙندڙ ڪنول،
دَردَ جي همراز آهي زندگي.

ٿڪ ۽ سڏڪي جي سنگم مان جڙيل،
هڪ مڪمل ساز آهي زندگي.

گوڙ ۽ گهمسان جي طوفان ۾،
پڙڪيل آواز آهي زندگي.

سُڪَ جي لمحن ۾ سانتيڪو تلاءُ،
بڪ ۾ شهباز آهي زندگي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

نوان رَستا، نوان نت موڙ آهن،
سکڻ جي لاءِ، دوکا کوڙ آهن.

سيئي ناتا، سيئي رشتا زمانا،
مان ڄاڻان ٿو رُڳا، ڪَٽ جوڙ آهن.

نديءَ جو چوڻ ساگر ۾ ٿئي ٿو
محبت جا، هزارين چوڙ آهن.

وَسي منظر مٿان، برسات گونگي،
اندر ۾ چوڏسا، گجگوڙ آهن.

غريبي طوق آهي، زندگيءَ جو
اميريءَ وٽ ته، ڪيئي توڙ آهن.

ڪِتي ٻَڪ ۾ سُتو ٻالڪ هو روئي،
ڪِتي ڪِچري تي، سَٽيا ٻوڙ آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تون نہ آهين تہ آهہ در بہ دري،
ڏورڻ ۾ ڪُوڙ آهہ خوش خبري

خواب بي سُود، شبد بي معنيٰ،
'جل صحرا'، بنا تو جَلَ پري

تارا ڪتيون لٿا وري اُڀريا،
ڇو نہ پهتينءَ ڪالهہ جيئن تري

گهر تہ ساڳيو اهوئي آهي پَرَ،
ڦنڊُ ساڳيو نہ آهي ساڳي دري

وِيئہ اُجهامي ڪڏهوڪ جي سگريٽ،
ڪوپ ۾ چانهہ چَاهہ جيئن ٺري

تا اُجهامون ڏيئي جيان هاٺي
شهر ۾ تنهنجي، پنهنجي ڪانہ سَرِي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

عجيب شخص هو سڀ کي ڪري ويو حيران،
ويو تہ شهر سمورو ڪري ويو ويران.

چپن تي مُرڪ، نظر ۾ غرور جو جلوو
انهيءَ حسين جو شيشو بڻيل هُيو نگران.

نہ پير اڳتي نہ پٺتي، اڳيان هيس مسجد،
خدا جي سونهن ڏسي مولوي ٿيو بي ايمان.

جڏهن بہ گهور انڌاري جي گهگهہ تي چوڙس،
اسان جو جسم آلا آڳ تي بڻيو شمشان.

نہ جهنگ جَر نہ جبل ۾، نہ ڪنهن بہ وستيءَ ۾
ڪٿي ڪٿي نہ تلاشيم، مليو نہ ڪو انسان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

كوئي مونکي ڇڏي ويو آهي،
لوڪ سارو لڏي ويو آهي.

سڀ حسين ڏيک ڏُنڌلا پائيان،
من جو ماڻهو مري رهيو آهي.

پن ڇڻ ۾ اچي وئي آخر،
هر وڻ تياس تي پيو آهي.

پريم جي ڏيهه ۾ لڏل سپنو
ڇپر ۾ لُڙڪ تي لڙيو آهي.

هن جي گهر جي گهٽيءَ مان لنگهندي،
پيار پولار تي پسيو آهي.

جڏهن کان هُوءَ نظر نه آئي آ،
سج گرهڻ ۾ ڪري پيو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تون جنهن کي پٽرن جو ڍير ٿو ڇٽين،
سا منهنجيءَ ماءُ جي قبر آهي.

دل جا رشتا مرن نہ ٿا ڪڏهين،
توکي اهڙي بہ ڪا خبر آهي.

پنهنجي ڪائون ٿا، پنهنجو پايون ٿا،
رَبَ جي پاڻ تي مهَر آهي.

جنهن بہ آڪاس تي نہ ايري چنڊ،
جَڳَ ۾ اهڙو بہ ڇا شهر آهي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هڪڙي ڳوٺ تي برسي بارش،
ڪچي ڏگ تي ٻارن جي رش.

ٿڪن ٽوٽن جي، ڏي وٺ ۾،
چانهه ڪوپ تي يارن جي رش.

سارو ديس ڳهرَ ۾ ورتل،
آسمان ۾ تارن جي رش.

ياد پراڻيءَ منظرَ ڪوليا،
ٻن نيڻن ۾ چارن جي رش.

سچا ماڻهو سُورَ لُٽن ٿا،
ڪوڙن تي 'منهن ڪارن' جي رش.

هر ماڻهو ديوار لڳي ٿو
هر پاسي ديوارن جي رش.

ساگرَ سئو سنديسا آندا،
لهرن ۾، مون پارن جي رش.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

عيد جي رات لکيئين نانءُ رتل مينديءَ سان.
ايڏو اقرار سرِعام! رتل مينديءَ سان.

ڪنهن نہ چاتو جو اشارو ڪيو نيڻن هن ڪي،
جهومي دل جي پئي سوغات رتل مندي سان.

تارا چنيري ۾ تي چمڪيا ۽ ليئا پئي پاتئون،
ڪئي چوڙين پئي جهنڪار رتل مينديءَ سان.

موٽيو پرديس مان دلبر آ تہ موٽيو خوشيون،
رنگ نکري پيا چوڏار رتل مينديءَ سان.

ڏي جهان سڀ کي تو واڌائي لڳائي گل سان،
نيڻ نيڻن سان ٿيا چار رتل مينديءَ سان.

صبح ڪر موڙي آٿيو ٻاڪ مان مهڪي اکڙيون،
نينهن نکري ٿيو نروار رتل مينديءَ سان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ساز ريڊيو تي وڳو
رقص آئيني ۾ رهيو.

طنز ڇهري تي رهي،
شخص آئيني ۾ رهيو.

چَپ نيڻن تي رهيا،
لَمس آئيني ۾ رهيو.

ڳالهه نظرن ۾ سَلي،
لفظ آئيني ۾ رهيو.

هليو تبريز ويو
شمس آئيني ۾ رهيو.

خالي ڪمري ۾ فقط،
عڪس آئيني ۾ رهيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

’رُتي مهڪ‘ پڻ ڀ وساري وئي،
هئي ڪيڏ؟ ڪهڙي هُو چاري وئي،

نگاهن ۾ تاثيل تڪي تير سان،
محبّت اندر ڀ اجاري وئي،

اسان کي اسان ڪان ڪري چو پريه
لهر ٻٽجي ڪهڙي ڪناري وئي،

هئي ڪا مصوّر يا شاعر هئي،
خوابن ۾ رنگن کي هاري وئي،

نئين سُرت جو ٻج پوکي وئي،
پراڻي تصوّر کي ڳاري وئي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

نظر، نظر سان مِلي ٿي، نگاهہ گُم ٿي وئي،
لڳو جو تير اندر ۾، تہ آهہ گم ٿي وئي.

شهر جو موڙ ڪٽيندي، هُئي نظر آئي،
وٺس پُڇڻ ڪان اڳي، هر ڪا راهہ گم ٿي وئي.

لُڪن ۾ راند رهياسين، ڳلين ۾ جوڙياسين،
اوءِ منهنجا ڳوٺ، اوءِ تنها ڳواهہ، گُم ٿي وئي.

نشان سارَ جا رهجي ويا سِتارن جا،
هئاسين جنهن تي، گهوريا ساهہ گم ٿي وئي.

تو ڪنهنجي راهہ نهارين، ڳلي ڳلي ڀٽڪي،
نہ ڳول هن ڪي ڇڙيا منهنجا چاهہ، گم ٿي وئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جتي سمنڊ جو چوڙ آهي مِٺا،
اُتي خيالَ پنهنجا تَين تا ڳنڍا.

جنين لڪ اياريون سوين سِجَ اسين،
اهي تا اسان لاءِ اُڀن، آٿ ـ سَٿا،

سمونڊن تي 'سيگل' ڏِسي ائين لڳو
اُڏايا هُجن ڪنهن، سوين خَطَ ڪٿا،

جهازن جا ساگر تي ميلا مَتلَ،
هوائن تي لِهرن جا اُڏرن ڪٿا.

ڪِنوٽين جا چَمڪا، 'ذوالفقار' جات،
ترن ۽ ڪبڙن تي اِجهو مِينهن اُٿا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڏور دشا مان ڪير سڏي ٿو
ماضيءَ جي ديوار اڏي ٿو.

اڄ اونداهين ڳلين کي
مون کي پاڇي ساڻ ڪڍي ٿو.

ڇپرَ پوٺيان، ڇا ٿي لائي،
اکين پٺيان، ڏور ڀڄي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڏِينهن جاڳي پيو، سِتارن ۾،
راتِ مدهوش، تنهنجي وارن ۾.

يارَ جا رُوپ، جهلملائين پيا،
ديپ جيئن جيئن، جلن ٿا جارن ۾.

خوف، بي خوف ننڊ گهريءَ ۾،
نيڻ اوجاڳيل، چارن ۾.

ورهيه گذري ويا، جوانيءَ جا،
ڳڻُ اچي، ڏينهن رات وارن ۾.

ور ته ساڳيو اُتي ئي بيٺو آهه،
بس۔ شڪو آ، شديد پارن ۾.

ويا پکيئڙا جوان ٿي، اُڏري،
پلجي آکيرا، پنهنجا، ڏارن ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اسين جيون نہ جيون، پَل جيو اوهين جڳ ۾
اوهان جو نانءُ، اسان لاءِ چانڊوڪي آ جڳ ۾

اسان جي جِسم ۾ ڊوڙي اوهان جي سارَ اِئين
جيئن سُرور کي ڊوڙي 'پِياڪَ' جي رڳ ۾

ڪڏهن بہ پُلجي اچي، خواب پيو اگر ڪوئي،
اوهان جو خواب ڦِٽو جڙ تہ ٿو خواب جي ڏڳ ۾

مِلو اسان کي اوهان تا، ڦٽائي روپ نوان،
وِڳر ڪري پيا اُڏامو تا، 'ڪُونجڙين' وڳ ۾

ڪڏهن وجون ۽ ڪٽون ڪو ڪتي جي جام پِريل،
اُچاريون تا چپن ۾ اوهان جو نان اڳ ۾

سلي ڪڏهن نہ سگهياسين، پرولي جيون جي،
وئي حيات وهامي لڏي ڪڏي ڇڳ ۾

اسين نہ شاهہ نہ زردارَ ۽ نہ ئي سردارَ
ڪِڙو تا پوءِ بہ ڪنولَ جان، اسان جي ئي پڳ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

چئن رُتن جو بيشڪ باغ ۾ گهر آهي،
پنجين موسمَ، منَ اندر ۾ رهندي آ.

در ڪڙڪائيندو آ شور سوا ٻڌجي،
يارَ، جدائي دِل ۾ دم دم رهندي آ.

جاڳي چنڊَ جا پيرا جي ڪٽندا آهن،
اندر تن جي هرپل رم جهم رهندي آ.

هُنَ جي خاطر هرڪو شاعر ٿي ويو آ،
ڪافي رَنگ جِي هُوءَ جا شِيشم رهندي آ.

سِڪَ سوائي ساهه ۾ سڄڻ تو خاطر،
گُلَ ۾ خوشبو وانگي هر دم رهندي آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پيار جي ديس ۾ نيري شام،
هر ڪو رَستو ماڳِ تمام.

عشق سيوئي ڪن ٿا پر،
بس، تنهنجو 'طارق' بدنام.

منهنجا چَپَ سدا پياسا،
تنهنجا چَپَ پريل ڪي جام.

رات ڪُتن واري آهي،
ڏينهن، اسان جو ٿئي پَرنام.

لڳندي گولي، 'اِندرا' جي-
چپن مان نڪتو هاءِ رام.

پکي اڏامي گهر تي ويو
لڏندي رهجي ويئي لام.

درد اٿيئي، دل سان جي،
تنهن کان وڌ ڪهڙو انعام.

هيسل هانءَ، حراسيل نيڻ،
بارودي سرنگهن تي گام.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

نيڻن جي جهڙ ڦڙ جهڙ ڦڙ ۾
ڪڪرن منجهه ڪپار ۾ تون ئي.

آهن وڍيندڙ جي هٿ ۾
ڪاتي، ڪنڊ، ڪٽار ۾ تون ئي.

ڪاتي ڄيجل جو آن سُرندو
ڪاتي گل گِرنار ۾ تون ئي.

هيڻن ڪان بي آن تون هيٺو
همت جو هالار ۾ تون ئي.

ريتن رسمن جون پٽريون- ۽
پارس جهڙو پيار ۾ تون ئي

سچُوءَ ۽ ساميءَ جي صورت.
مرشد، هاديءِ يار ۾ تون ئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪو پنو ڦاڙڻ ڪان اڳ ۾ سوچجانءِ،
ديپ ڪو ٻارڻ ڪان اڳ ۾ سوچجانءِ

عالمن جي ديس ۾ تون تو رهين،
ڪجهه اُچارڻ ڪان ته اڳ ۾ سوچجانءِ

لفظ ۾ لڪيل اٿئي گولي ميان،
گولين ڪائڻ ڪان اڳ ۾ سوچجانءِ

منزلن ۾ چوڪيون چوڌار ٿئي،
فاصلا جهاڳڻ ڪان اڳ ۾ سوچجانءِ

تو رهين تون خيال ۾ جي جان جي،
ماڳ ڪي ماڻڻ ڪان اڳ ۾ سوچجانءِ

نعرءِ تڪبير جي پڙلاءَ ۾
شعر جهونگارڻ ڪان اڳ ۾ سوچجانءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

دوستيون ڪجهه اڌوريون رهڻ ڏي،
دشمنيون ڪجهه اڌوريون رهڻ ڏي

زندگيءَ جي حسين ڪهڪشان ۾،
روشنيون ڪجهه اڌوريون رهڻ ڏي

عشق جي آسري تي گذاري،
محبتون ڪجهه اڌوريون رهڻ ڏي

ڳالهه جي ڳنڍ کولي ڇئي ڇڏ،
مصلحتون ڪجهه اڌوريون رهڻ ڏي

بادلن مان ته برسي تي برڪا،
بدليون ڪجهه اڌوريون رهڻ ڏي

هل پهاڙن پٺيان هاڻ 'طارق'،
شهرتون ڪجهه اڌوريون رهڻ ڏي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پهرو ڏيندڙ پنهنجو پهرو ڳولي ٿو
آئينو پيو پنهنجو چهرو ڳولي ٿو.

ڪتبي جي پر ۾ سوچيندي گل گلاب
لڙهين ۾ پويل (هُو) سهرو ڳولي ٿو.

'خان خميسي' موت پڇاڻا 'الغوزو'،
جڙ هوا ۾ پنهنجو لهرو ڳولي ٿو

ڏور خلا مان، هيٺ تڪيندڙ سيارو
ڌرتيءَ ماءُ جو ڳهاءُ ڪو ڳهرو ڳولي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تون تہ هلي وئي آهين،
احساسَ ڇڏي وئي آهين.

خالي گلاس جي اندر
پياسَ ڇڏي وئي آهين.

رات جي نيڻن ۾
اماسَ ڇڏي وئي آهين.

مشڪ عنبر کان اُتم
واسَ ڇڏي وئي آهين.

منهنجي چپڙن تي ملي،
چاسَ ڇڏي وئي آهين.

ياد جا حدِ نظر،
تياسَ ڇڏي وئي آهين.

گهرَ دروازي اڱيان،
آسَ ڇڏي وئي آهين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سَرءَ جي شام جو پهر آهي،
نہ گهر پنهنجو نہ پنهنجو شهر آهي.

آويلي رات ۾ ويران رستو
سِتارن جو پکيڙيل سحر آهي.

ٿتي ٻرمان، چورائي ڍِل هلي وئي،
ڪيو چوريءَ- ڇني سان قهر آهي.

چَڙهيو آ چَنڊُ، هُو انگاس آڏو
مٿان ماتم سندو هي پهر آهي.

پريءَ بازار ۾، ڪاڏي آن نڪتو!؟
زمانو چوڪرا، بي مهر آهي.

چُمي نيڻن کي، ڪاٽي رات ٻنهين،
سندن ڳالهين ۾، ڪيڏو ڳهر آهي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

جسم ڇڏجي ويو بي جان آ عيسيٰ وانگي،
روح اُڏري پيو مهمان آ عيسيٰ وانگي.

تون اچين يا نہ اچين، تنهنجي آ مرضي سائڻ
چڪيا تنهنجيءَ تي چڙهيل جان آ عيسيٰ وانگي

آ زمانو ۽ زماني جو آ، پنهنجو دستور
مون لئہ دستور نہ عنوان آ عيسيٰ وانگي.

توڙي ڪِلين ۾ ڪُتل هٿ ها دعا ڪان قاصر،
گهور آڪاس ڏي نادان آ، عيسيٰ وانگي.

ٿيا تماشائي تنهنجي شهر جا صاحب، سالڪ،
تو ٻڌان شور ۾ فرمان، آ عيسيٰ وانگي،

ٿي اچي مهڪ مون کي ٿياس مان، تنهنجي اي دوست،
موت ڀٽجي ويو آسان آ، عيسيٰ وانگي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اڄ وري چاڪ چڪي پيا آهن،
بند نيڻن جا پڄي پيا آهن.

ناز، تنهنجي جا اکر هڪ هڪ تي،
گوليون بڻجي ڪپي ويا آهن.

ياد جا قافلا اچن پيا اڃا،
نقش پيرن جا ڊهي ويا آهن.

رات، تنهائي، هوا، مان آهيان،
چنڊ جلاد ڪٽي ويا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تنهنجي من ۾ راز نہ ڪوئي،
پنهنجو ڪو همراز نہ ڪوئي.

داتا جي دربار ۾ گونجيون
سڏڪن جهڙو ساز نہ ڪوئي.

سڪ جي سُورَ جيان اوـلوڪي
هيو ڪو سوز گداز نہ ڪوئي.

هيا يي آهن مست قلندر
مروندي شهباز نہ ڪوئي.

ساهہ پکيئڙو وڃي اڏامي،
ان جهڙو پرواز نہ ڪوئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

مون وٽ ڪو انجام نہ آهي،
۽ تو وٽ، آغاز نہ ڪوئي.

مئہ خاني ۾ ماٺ وَسي پئي،
حق حقُ جو آواز نہ ڪوئي.

سنڌڙي تنهنجي سينڌ سنوارڻ،
ايندو هاڻ اياز نہ ڪوئي.

هڪڙي سندر سامي جهڙو
ٿيندو نينهن نواز نہ ڪوئي.

نينهن ڪيو نروار جنهين ڪي،
ان جهڙو ممتاز نہ ڪوئي.

پنجاري جيئن ڪين پڇي جو
اهڙو ماءُ مجاز نہ ڪوئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ساز آهي، ڪڏهن صدا آهي،
آدمي پاڻ ئي خدا آهي.

عشق جي رمز ڪير تو سمجهي،
بد دعا ۽ ڪڏهن دعا آهي.

او طبيبا! نہ غور ڪر ايڏو
درد منهنجو هي لادوا آهي.

تنهنجي ناراضگيءَ جي موسم ۾،
جڻ خدا ٻي خفا خفا آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هر نظاري جو نيڻ هن پوريا.
ڪنهن جي سر تان لٿي ردا آهي؟

اڄ ٻه اڌ ٻر ٿي ڳالهه رهجي وئي.
اڄ ٻه ساڳي مِلي سزا آهي.

تنهنجي اکڙين جا جامَ اُف. توبهه.
ڇا نه مستي، خوديءَ فنا آهي.

پاڻ کي پاڻ ٻر پيو ڳوليان.
هيءَ ويسر جي انتها آهي.

تنهنجي آڏو جهڪيل جهڪيل آهي
جيڪو خود پاڻ ديوتا آهي.

رهزنن کان ٻه اڳيرو هوندو
جو بظاهر ته رهنما آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

عشق سدا بي پير او سالڪ،
منهنجو درد فقير او سالڪ.

دل جي شيشي تي ڪنهن پاتي،
وڇئون وچ لڪير او سالڪ.

جنهن ۾ ڪا تدبير نہ هوندي،
سا پي چا تقدير او سالڪ.

چو 'اعليٰ' جو پيار پروڙي،
حيرت منجهہ حقير او سالڪ.

باطن ۾ ڪا تارَ گلن جي،
ظاهر ۾ زنجير او سالڪ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ساڳي آهي مهڪ مِٽيءَ جي،
ساڳيو آهِ ضمير او سالڪ.

دنيا ۾ ڪنهن ٻي نه ٻُڌائي،
تات سندي تفسير او سالڪ.

ٻاهر ۾ بيشڪ بي پروا،
اندر منجهه اُڪير او سالڪ.

قسمت تي هر ڳالهه ڇڏيسين،
پوءِ ڇو دل، دلگير او سالڪ.

ساڳيو ڪعبو ساڳيو قبلو
ساڳيو مُرسل مير او سالڪ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪالهه ڪيڏو تڪل تڪل تہ هيم،
ڳُلُ تي ويم، جڏهن غزل لکيم.

روح تائين لهي وئي خُوشبو،
پيارَ پوِيان، جڏهن آجهل لکيم.

تون نہ آئين، نہ موت ئي پُهتو،
گهر اَچي، وقت کي، جبل لکيم.

لُڙڪ معصوم ڳل تان صاف ڪندي،
رات جو صُبح کي، سَڦل لکيم.

تنهنجي نيڻن جي ضرب وندُ پڙهي،
اهڙي تحرير کي 'رَمل' لکيم.

ٻڪَ پاڻيءَ ۾ اولڙو ڏسندي،
چنڊَ کي ڍنڍَ جو ڪنول لکيم.

---

رَمل ـ ليکڻ ۽ انگن وسيلي
ڳجهين ڳالهين جي ڄاڻ جو حيلو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

نيڪي ڪري وساري ڇڏ،
پاڻيءَ ۾ ماڪي ڳاري ڇڏ.

هڪڙو ننڍڙو نظم لکي،
ڪاغذ ٻيڙي تاري ڇڏ.

ڪنهن کان پي جي درد ملئي،
لڙڪن ۾ اوساري ڇڏ.

هر ڪنهن پنهنجو رستو آ،
سڀ کي پنهنجي چاري ڇڏ.

پاڻ پٽي جي پنجيءَ کي،
تاڙيءَ ساڻ اڏاري ڇڏ.

تنهنجي ٻاڳ جو آهيان ڳِره،
ڪاءِ ڪٽي ٽوڪاري ڇڏ.

نفرت ساڻ نهارين پئي،
ان کان بهتر، ماري ڇڏ.

مرڪ جي رسي اچلائي،
ٻڏندڙ جيءَ جِيئاري ڇڏ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

عشق جو اختصار بي معنيٰ،
حادثن جو شمار بي معنيٰ.

ناهي پرواز جو جذهن ساٿي،
پوءِ هيڪل اڏارَ بي معنيٰ.

ڪي نگاهون نٿيون ڪڇن جنهن ڏي،
سونهن تنهن تي نکار بي معنيٰ.

هو ڪڏهن بوند لئہ صديون سِڪيو،
آ مگر آبشار بي معنيٰ.

آخري ٽرين بي هلي ويئي،
ٿي چڪو انتظار بي معنيٰ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

زندگيءَ جي طويل تنتر ۾،
چند لمحن جو پيار بي معنيٰ.

تنهنجي ٻانهن جي قيد ۾ جانان،
منهنجو هر اختيار بي معنيٰ.

ساقيا! تو اڳيان خدا ڄاڻي
هي خوديءَ جو خمار بي معنيٰ.

ايئين اٿئي جلاوطن هوندو
جيئن ڪپيل ڪو ڏار بي معنيٰ.

زندگيءَ ۾ رهيو مزو ناهي،
جيت آهي نہ هار بي معنيٰ.

ڪنهن جي ساعت بہ آ صديءَ جيڏي،
ڪنهن جي ساري ڄمار بي معنيٰ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

او منافق جا ابا، تنهنجي بہ ڪا حَدَ هونديء
ڪُوڙَ دولاب، ٺڳيءَ جي بہ ڪا سرحد هوندي

شُورَ جنهن ساڻ اچي، پاڻَ پچارون ڪن ٿا،
سا بہ سيد جي سسئيءَ وانگي بہ اڏ هوندي

حد ڪيو ڏار آ ديسن ڪي، سدائين يارو
عشق جي ديس ۾، هر دور ۾ لاحد هوندي

ڏينهن ٿو رات ۾ گم ٿي، ۽ ٿا تارا جاڳن،
تنهن ۾ طاقت پراسرار ڪا ملحد هوندي

هي جو ويراني ۾ پسجي پيو هڪڙو مدفن،
ڪنهڙي الله جي بندي جي سا لحد هوندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جڏهن چنڊ چمڪيو هو پٽڪيو نديءَ مسڪرايو
ڏسي چنڊ ۾ تو اسان کي چيو: "اسان کي ٿا چاهيو؟"

پهاڙي گلن تي ڏٺو ماڪ روئي، پهاڙن چيو
اوهان چو پلا ايترو ٿا اسان کي ستايو!؟

ڀري محفلن ۾ ڏٺو اڻ ڏٺو ئي ڪيو ٿا،
اڪيلا ٿيو ٿا تہ چئو ٿا: "اسان جا ئي آهيو؟"

چيو ڪلنڊي ڪڏندي تي لهرن کي هِٺن ترورن،
نديءَ کي_ 'اسان کي لڪايو لڪايو لڪايو'.

اوهان پنهنجي نظرن جا چِڙواڳ گهوڙا پلي،
اسان جي محبت سان سرشار دل جي نگر ۾ ڀڄايو.

لٿو سمنڊ ۾ هو جڏهن ۽ ويو چنڊ وانگي ٻڏي،
تڏهن لڙڪ لاڙي ڪنارن چيو: "اسان کي ملايو".



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

نظرَ جو سفر آهي، ڪيڏو پريءِ
ڪڏهن خيال گم تي، ڪڏهن تو تري

بنديان نيڻ، پر ۾ تو توکي ڏسان،
جي اُپٽيان ته مون کان وڇين، تي پري

تصور ۾ تنهنجو تري روپ ايئن،
لڳي تو هوا ۾ ڪنول پيو تري

هي شامِ غريبان مثل آهي شام،
۽ سورج پيو تو افق ۾ ٺري

پري جهولَ آئي، ستارن جا رات،
مگر تون نه آئينءَ، ته هو ڇا ڪري؟

ڳلي سُڃ، سنسان تو کان سوا،
شهر ۾ نه هاڻي تي، پنهنجي سري

رُسڻ، پنهنجو پرچڻ، آجهامي، هرڻ،
ڪري ڪيئنءَ 'طارق'، جيئي يا مري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ستارن ساڻ نڪريل ڪو نگر تون،
جتان تي شفق اڀري سو سحر تون.

اسان جي ڀاڳ ۾ آهين، نہ آهين،
اسان جي خواب ۾ آهين مگر تون.

وڃي تي سبز وادين ۾ اُتاهين،
ورن وڪڙن سان گهيريل ڪا ڏگر تون

اسان پروانہ ٻڄي، خاڪ تي پئون،
جَلي پئين شمع وانگر، ها، اگر تون.

آئي ساگر سمان تنهنجو هي 'طارق!'
انهيءَ جو هر ڪنارو، هر لهر تون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

وقت ساڳيو نہ ئي ڇهرو ساڳيو
ها مگر، شخص هو اهو ساڳيو.

تنهنجي، مون تي نظر ٽِڪي چا لئہ،
مان اهو جنهن جو نہ پيڇو آڳو.

نہ ڇڳو آ، نہ ئي ڇڃي سگهندو
درد جي رشتي سان ويڙهيل ڌاڳو.

قافلو دوستن لُٽيو هٿ سان،
دشمنن آ ڏني خبر، جاڳو.

تي عبادت جي رات مهڪي اچا،
ٿا ستارا چون، اچا جاڳو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

يادن جي روپ ۾ ڪو انسان تو رهي،
جي هُو نہ آهي هن جو سامان تو رهي.

پڻ ڇڻ جي موسمن ۾ مڪڙي ٽِڙي نہ گل،
ڪمري ۾ پو بہ هن جي گلدان تو رهي.

ڪوئي نہ آهي ان جو ڪوئي بہ غم نہ آ،
هڪ آئينو اسانجو نگران تو رهي.

چوڪي، نہ چوڪٽن ۾ ڇهرو گلال ڪو
ڪنڍي ۾ در جي تالو دربان تو رهي.

ڪنهن پل ڇڄي الائي، هيءَ تند جند جي،
هي چنڊ آسمان ۾ مهمان تو رهي.

ٻاهر ڪِلي ۽ خوش تي، بارش پئي لڳي،
مَنَ ۾ هميشہ جنهن جي شمشان تو رهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

بارش جو تيو پاڻي جاري
ٻارن ڳڏجي ٻيڙي تاري

ٻاروتڻ پلٽي رهجي ويو
هٿ ۾ ياد جي ڏيئي تاري

سُورجَ تنهنجي اوسيئڙي ۾
تارن ٽمڪي رات گذاري

هڪ پِٽ پويان ٻي پِٽ ٻيڻل
جيون سارو واري واري

مان ته ڪناري تي ويٺو هئس
ڪير هيو ٻيڙيءَ ۾ ياري؟!

پِٽِ ٻٽياد تي ويندي آهي
رازا تنهنجي وس اوساري

ڳوٺ جو رڏٽو رات جو وڳڙو
ٻائر ٻيٽون چلهه چوڏاري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هڪڙي واعدي جو اعتبار آهي،
عمر ساريءَ جو انتظار آهي.

ڪيئن منظر ٿا بدلبا هي وڃن،
ڪھڙين يادن جو هي غبار آهي.

همتن جي نگر ۾ تنها شخص،
موت ڪي جنھن جو انتظار آهي.

چين ڪنھن لاءِ دل پئي ڳولھين،
بيقراريءَ ۾ ئي قرار آهي.

دل ڀڳي يا بسنت رت پھتي،
تي لھو رنگ رهگذار آهي.

شهر ۾ ٿا رهن سيئي 'مصحف'
هڪڙو 'طارق' ئي داغدار آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪو عذاب پيو ناهيان،
ڪو ثواب پيو ناهيان.

هر اشاري تنهنجي جو
ڪو جواب پيو ناهيان.

نفرتي ڪلاسن جو
مان نصاب پيو ناهيان.

پيار ۾ ڪجي اهڙو
ڪو حساب پيو ناهيان.

راهه ۾ رڪاوٽ تي،
سو عذاب پيو ناهيان.

جو وڃي رڙن آڏو
سو رَباب پيو ناهيان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

گل ڦٽو ڪتبي جي پر ۾
دِل دفن ٿي وئي قبرَ ۾

ياد آيس ھُو جڏھن پي،
لڙڪ لاڙيائين سفر ۾

ڪنڊ ڪوريائون ڪنھين جو
چَنڊَ ياڳا ٿيو لھر ۾

روز سوچي ٿو مرڻ لئہ
روز جيئي ٿو قھر ۾

شام جھڙو ڪو مسافر،
پيرَ ڌوئي ٿو شھر ۾

واسجي ھرڪا ڳلي وئي
ڪير پھتو ھو شھر ۾!؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

روز صبح جو باس سڏي ٿو.
ڄڻ مون کي بن-واس سڏي ٿو.

سرتيءَ ڪنهن سان اک اڙائي،
ڌرتيءَ کي آڪاس سڏي ٿو.

ٽين دنيا جي ڌرتي کي سو،
اولهه جو راڪاس سڏي ٿو.

او ديسي، پرديسي توکي،
ٽن پيڙهين جو ماس سڏي ٿو.

ڀئنوري کي گلشن ۾ هر پل،
مُگري ۾ ون-واس سڏي ٿو.

اڄ ته سنواري وچ وارن کي،
هُو توکي جو خاص سڏي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سارَ آهي سُتل ڊائري ۾
تارَ آهي سُتل ڊائري ۾

وڻ ڪيچي وڪامي ٻه ويا هن،
تار آهي سُتل ڊائري ۾

لَفظَ هئا تيز ۽ تکا تن جي،
ڏارَ آهي سُتل ڊائري ۾

جا حسابن ۾ ڪاڏمر ڳلن تي،
مارَ آهي سُتل ڊائري ۾

خواب ۾ جاڳ ۾ ساڻ هئي جا،
ڏارَ آهي سُتل ڊائري ۾

ماءُ جيجل جي پاتل ڳراٽي،
يارَ آهي سُتل ڊائري ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

حوال تي آ علاج پنهنجو
۽ ٻول مٺڙا علاج پنهنجو.

سفر ۾ ساٿي ملي وڃي تو
تہ تي وڃي تو علاج پنهنجو.

زخم زخم آهِ زندگاني،
رفوگري ۾ علاج پنهنجو.

ڪو شعر سُهڻو ڪا مُرڪ مِٺڙي،
ڪو سُورُ تازو علاج پنهنجو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

روپ ڪنهن جو نہ ڪنهن جو رنگ آهي،
سوچ ڪنهن جي هي منهنجي سنگ آهي!؟

او مسافر، سفر کي روڪي ڇڏ،
هن ڪان اڳتي اُفق جو رنگ آهي،

شخص هڪڙو ۽ مسئلا بي انت،
ذهن ڄڻ ڪا صليبي جنگ آهي،

جو بہ آيو وري نہ سو موٽيو
شهر ڪيڏو عجيب جهنگ آهي،

ڇوڪري آهي يا ڏڪٽهاري،
اڪ ان جي هزار ڏنگ آهي،

سوچ آزاد کو پکيئڙو آ،
شاعريءَ جو نہ ڪوئي دنگ آهي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

دل دروازو کول پيارا ٺڪ ٺڪ ٿئي ٿي،
دل تي هٿ ڌري ڏس ڪيڏي ڌڪ ڌڪ ٿئي ٿي.

من منهنجو ٻيو آهي ڪائي ريل پراڻي،
يادن جي پٽڙين تي ڪيڏي ڇڪ ڇڪ ٿئي ٿي.

ڦاڙ سڀئي اخبارون، بند ڪري ڇڏ ٽي وي،
ابهم ٻالڪ جهڙي گهر ۾ بڪ بڪ ٿئي ٿي.

ماڻهوءَ کان گم پاڇو ٿيو آ ماڻهوءَ جو
ڪتن تي الزام تراشي ناحق ٿئي ٿي.

دروزاي کي کول، دريءَ ۾ ڏس ته سهي تون،
سچل بيٺو آهي، تڏهين ”حق حق“ ٿئي ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هر پاسي چو ايڏي چپ آ، آهي ڪو آواز تہ ڏي
سڏ نہ ڏئي سڏڪوئي سهي پر خاموشيءَ کي ساز تہ ڏي.

جهنگل ۾ تہ مور نچي، وڻ ٻوٽا پڇائي پنهنجي منهن،
ٻوٽا پڇائيندڙ جهنگل جي نيڻن کي ڪو ناز تہ ڏي

پرهہ ڦٽيءَ جو آرائينءَ ڪان، گُلَ ولِي دَرَ تي پهتو
تالو هن تي مرڪيو ويلي، ڪو هن کي آواز تہ ڏي

جنڊڙي سنڌڙي جان هيڪلڙيءَ جيئَ ڪپايل هر ساسي،
دربدري ۾ سگهہ وڃايل، جيون کي شهباز تہ ڏي

سورج پنجي، ڪِرڻا ڇائي، ڳم تي ويو درياءَ پٽيان،
'مالڪ منڙا' هيڪل من کي، هاڻي ڪو همراز تہ ڏي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

رَنگ ٿيو باغ جا، مِٺڙو اي دوست،
باھ ٻنجي نہ اڄ، چڙو اي دوست.

خود سَريءَ جي خيال ۾ ڀٽڪي،
ڇو پيا ٿا ھڏو، ترو اي دوست.

ٻارُ آ جي ٻري تہ اوندھ ۾،
ٿيو ستارا ڦلا، ٺڙو اي دوست.

خَار ٻڌجي ڇو روح پيا روڙيو
ڇو نہ ڇمپا جيان ڪڙو اي دوست.

چَنڊ آ ناچ رات ڳائي پئي،
ساز ڇيڙيو ۽ خود ڇڙو اي دوست.

ساھ جي، راھ جو پتو ناھي،
جام ٽڪرائي، ڄ ٺِڙو اي دوست



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

بسنت رت ۾ اڏامر پوپٽ،
اچي چمن تي تون ويهه ڪا جهٽ

ورهاءِ خوشبو ملاءِ سپرين،
حسين چهرن تي جهومر اولٽ

چڪي بدن کي پيچو نه آرس،
ائين نه ٿي جو اچي وڃي سٽ

جتي اوهان جي نهار پهتي،
لکي ڏناسين اوهان کي سي پٽ

تڪي پيا هون اچي سمهي پٽ
هي منهنجي نيڻن ۾ آ پئي ڪٽ

اوهان جي نظرن جي موسمن ۾،
هميشه گهيريل سمورا برپٽ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اجوڪو ڪم سياڻي لئه ڇڏيوسين،
فقط ماڻي ڪي هاڻي لئه ڇڏيوسين.

سمورو ديس مومل جان مقدس،
مگر ان ڪي به ڪاڻي لئه ڇڏيوسين.

مفادن ڪي رکي آڏو هميشه
'بلاول' ڪي به 'گهاڻي' لئه ڇڏيوسين.

ڇڏيندو ڪير پنهنجي ديس ڪي آ؟
اسان هڪڙي ئي داڻي لئه ڇڏيوسين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ٿي سِٽ جڏهن سرجي،
ٿو درد، دوا بڻجي

گُهٽ، ڪيڏي آ ٻُوسٽ،
ڪا مُرڪ، هوا بڻجي

هي پيار پڀي پيارا،
ٿن سُور سوا بڻجي

ٿورا نہ آهن ٿورا،
ڳڻجي بہ تہ ڇا ڳڻجي!

مظلوم جا، نيڻ ٻنل،
ڪو لڙڪ، صدا بڻجي

سجدي جي سحر جڳڙيس،
ٿو شاهہ، گدا بڻجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

سفر ساڳيو مگر منزل الڳ هئي،
هُو پاڳل ڇوڪري بلڪل الڳ هئي.

ڇڳون بادل، اکيون آباد وسنديون،
پهاڙي پيچري تي پُل الڳ هئي.

نِمُن هيٺان تپهري جي تپش ۾،
پريل ڪونڌي ۾ هيءَ تاڏل الڳ هئي.

وَسي ساوڻُ ڪَري سيراب تربَر،
ڪلڻ ۾ سا عجب جل ٿل الڳ هئي.

هُئي پوپٽ يا ڪوئي مورَ جو کَنڀُ،
اکين جي خواب ۾ سانديل الڳ هئي.

زهر سان هُئي پريل ماکيءَ کان مٺڙي،
مگر لُنڊين جي سا ڪاڏلَ الڳ هئي.

لکن جي ۽ ڪروڙن جي جتن ۾،
اُپي تلوار جان قاتل الڳ هئي.

خدا جو سُنهن، خدا جي سونهن جو سُنهن،
هُو ظالم 'ڇوڪري' 'پاڳل' الڳ هئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تون ڪٿي آهين، ڪٿي آهين پلا تون؟
سڏ نہ ڪوئي ۽ نہ ڪو پڙلاءُ آهي.

آ ستارن جي بہ جهيٽي روشني ڪجهہ،
سمنڊ اندر ڀي نہ ساڳيو ساءُ آهي.

آهي تِين دنيا ٻٽي دل جي دري ۾،
هر گهڙي اُن ۾ رڳو ڌڪاءُ آهي.

سڄ نيزي تي سڄو صحرا تتل آ،
هرڻ سڀ حيران! ايڏو تاءُ آهي!

اڄ وري يارو ڪٿي بغداد ٿيو آ،
ڇا ٿيو آڪاس ۾ غوغاءُ آهي.

مهڪ آهي ڪجهہ فضائن ۾ ڀنيءَ جي،
۽ رچيل برسات سان اڄ واءُ آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

صبر جي سيڙ ۾ ترندو رهي ٿو
ڏيئي جي لاٽ جان ٻرندو رهي ٿو.

عجب ’بي دل‘ جي نگريءَ ۾ ستم آ،
تہ ’دِل وارو‘ سدا مرندو رهي ٿو!

جلائي باهہ يادن جي ٿو جاڳي،
اُجهاٽل رات سان نَرندو رهي ٿو.

ڪڏهن منزل، مسافر ۽ سفر تي،
هُو ’دوکي باز‘ جان ڦرندو رهي ٿو.

وساريل ياد، ڪو بي نانءُ رستو
پراڻي ماڳ جان جُهرندو رهي ٿو.

ٻڪايل پيٽ جي ٿُٻڻي ۾ يارو
هميشہ سَپُ ڪو سُرندو رهي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

يادن ۾ اُڀري رهگذر،
پوپٽ، هوا، خوشبو سحر.

ڪو خواب آ، هيءَ زندگي،
ٿڪن پٺيان ڳوڙهن جو گهر.

ڀاڪر ڇميون، ڳالهڙيون مِٺيون،
تو صبح ٿئي ڪر مختصر.

سُستيءَ ۾ رهجي تو ويئي،
هرگز نه ڪوڙو آ مگر.

اُن لاءِ روئي هيل تو
جيڪو مُئو هُن لاءِ پَر.

ڳالهيون ڪريو يارو صفا،
ڇا جي اگر، ڇا جي مگر؟

چونڊيو اٿئي رستو سِڌو،
لڙڪن کي پي، دردن کي چَر.

ڇو تو رُلين لفظن پٺيان،
ڪنهن لاءِ ٿين تو دربدر!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

چاھ ۾ تنھنجي دل چري آھي،
درد ۾ تنھنجي دلبري آھي.

چنڊُ تڙ تڙ ڏکيو بنان چادر،
رات برسات ۾ ٺري آھي.

چاھتن جي گلاب ڪيتن ۾،
باڪ ٽانڊن جيان ٻري آھي.

دل ۾ طاقت، نڪا چپن ۾ سگھ،
ڳالھ لفظن ڪنان ڳري آھي.

ساز ۾ تنھنجي، ڪالھ جان اڄ پيءِ،
ھيءَ ندي پاڻ ۾ تري آھي.

لوڪ آڪاٽين جيان يارو
’سنڌ‘ ٻڏجي وئي پري آھي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

خيال جو پوپٽ اُڏي ويو
رنگ رهجي ويا پنن تي.

بارشن جي موسمن ۾،
گُلَ مهڪن ٿا چنن تي.

ڍ ڊسمبر تو ڪري پيو
شاعري ڇٽندڙ پنن تي.

چيا پيو ڳولين مؤرخ،
تون جُهڪي اُڪريل سنن تي.

ڇڙوڇڙ تي ويو تصور،
چير جي چن نن، چنن تي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جنهن جي ديوار ۾ نہ در آهي،
سو ئي هن جو تہ يارو گهر آهي.

ڳالهہ ھُن سان سلي نہ سگهجي ڪا،
لفظ ڳنڍير، ڳالهہ ور آهي.

پيو ڇپين سان ڏنگي تو هر ڪنهن کي،
وات هن جو لُنڊيءَ جو ڏر آهي.

باغ ۾ جيڪڏهن ڪري تو پسار،
باغ هوندي، لڳي تہ بر آهي.

ماٺهپي کان گهٽو پري تو رهي،
ھُو نسورو عذاب گهر آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هو جيڪو شخص هيو جڻ تہ ڪو ڪنول جو گُل،
اُنهيءَ تي قتل جو آهي سڄي شهر ۾ هُل.

ڏسو تہ وقت جو حاڪم هٽي پيو قيمت،
'الست مست' جي، جنهن جو نہ آهي ڪوئي مُلهہ

غريبِ شهر هو جيڪو مَري ويو آهي،
نہ ڪوئي ڪانڌي، نہ سُڏڪو نہ سڏ، نہ ڪوئي ڦُل.

لٿي آ شام هُو بسرام لءِ وڃي پيو سِڄُ،
هوا لُڏي پئي وڻ ۾، اُداس آهي ٿُل.

سمورو شهر آ محوِ خواب او شاعرا،
اُماس رات جو برسات ۾ نہ ايڏو رُل.

غزل سخن تہ ڪي ٻہ چار سنڌ ۾ آهن.
وفا، شيام، بخاري، اياز، آٿم، گل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

گهٽي دير ٿي وئي، سُمهي پئه
اجا ڪير ايندئي، سُمهي پئه

سُتا چنڊ پويان ستارا،
اڙي يار، تون بي سُمهي پئه

رُني هوءَ، رُنئي آرسي بي،
پيچي آرسيءَ کي، سُمهي پئه

اجايو رُلين شهر سارو
پرينءَ جي گِليءَ ۾، سمهي پئه

وڏيل وڻ وانگي تو تڙپين،
سڙيل جهنگ وانگي سُمهي پئه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڏک جو ڪوئي آنت نہ پار،
گھڙي گھڙي خنجر جي ڌار.

لُڙک اُگھيائين ڪاڳر سان،
جنهن ۾ لکجي پهتس سارَ.

پٽر سان تو سُور سلي،
ماڻهو ماڻهوءَ مان بيزار.

پنڇي سانجهہ سمي پهتو
پر ناهي وڻ ۾ سو ڏار.

شاعر، عاشق، آفيسر،
ڪار بنا هر ڪو بيڪار.

ديپ هان تنهنجي جاري جو
تنهنجي مرضي هار نہ هار.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

بينچ خالي جي پر ۾ بيٺل سارَ
چڙ حسين مهه جبين کي پاتل هارَ

حُسن تنهنجي جي ڪئي ڪمي پوريءِ
مرگهه نيڻن ۾ جا ڪجل جي ڌارِ

تارا شرمائي گم ٿيا تنهن دم
جيئن چُمين جا ڪِڙايئي ڪچنارِ

عشق جادوگري آ جادو آهِ
ٻن کي ٻارهن ڪري ڇڏي ٿو يارَ

پيو اچين ٿو پرينءَ جي پاڙي مان
ڏي سَٽائي خبر مٺا مٺارَ؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

آهي سُرور جهڙو ڪو لاشعور ۾،
اهڙو نہ آهي سهڻا ٻيو لاشعور ۾.

بس جي لڳس چوٽ اُداسي هليو ويو
پوپٽ جهڙو شخص هيو ڪهڙي پور ۾.

ڪِلَ پوڳ، ڏک شڪايت، ٻيو بہ گهٽوئي،
آئي، چئي، هلي وئي، هڪڙي گهور ۾.

پَڙَ چڻ ونيو وڃي پئي پر موٽندس ضرور
پيغام هيو صاف ڪيڏو گل جي ٻور ۾.

روشن اداس ٿي وئي، تو نهاريو
وهنتو جهان سارو هيو تنهنجي نُور ۾.

پرجي جڏهن هو پهتو ڪنهن هٿ نفيس ۾،
پئمانو پيو چلڪي، ڪيڏي غرور ۾.

وسري ويل ياد اچي ويس اوچتو
هرڪو ڪري تو ياد، ٻي ڪي ضرور ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# بي قافيہ غزل

شخص آهي يا ڳوٺ جو منظر،
ڳوٺ اندر آ، ڳوٺ جو منظر.

ڏور تارو ڳگن ۾ پيو تمڪي،
پيش منظر ۾، ڳوٺ جو منظر.

گهر ۾ سانجهہ ڪندي وڃن چوڙيون،
تو ٻڌي مُرڪي، ڳوٺ جو منظر.

راھ ايندي ڪجي ويو چاري تان،
هاءِ حيران، ڳوٺ جو منظر.

دشمنين جو ڪڙو چڙهيل چوڌس،
گوڙ گهمسان، ڳوٺ جو منظر.

مسجدن ڪان رُسي وئي آذان،
ڪيڏو سنسان، ڳوٺ جو منظر.

ڏُنڌ ۾ چڻ تہ راھ پيو ڳولي،
ماڪ وسنديءَ ۾، ڳوٺ جو منظر.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

بارش، دريءَ کان ٻاهر،
بارش، دريءَ جي اندر.

جوڀن بهار هوندي،
پوپٽ، دريءَ جي اندر.

اوندهه جهان ۾ ڪجهه
ڏيپڪ، دريءَ جي اندر.

دردن ڇنڊيو انگوڇو
سُڏڪا، دريءَ جي اندر.

ساهن جي سمفنيءَ ۾
دريا، دريءَ جي اندر.

چُپ، نيڻ، آڱريون ءِ
سڀ ڪجهه، دريءَ جي اندر.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

الم جي شام لٿي آهي هن جي نيڻن ۾،
ءِ لُڙڪ، صبح ٿي چمڪي ٿو هن جي نيڻن ۾.

-

لکي پيو عشق جو قصو هزار سالن کان،
زمانو ڪاري ڪجل ساڻ، هن جي نيڻن ۾.

-

لَڌو هو خواب اڌورو اسان جو صحرا ۾،
ملي آ ان جي ئي تعبير هن جي نيڻن ۾.

-

تو وقت معنيٰ وڃائي ڇڏيٖ انهيءَ لمحي،
جڏهن نگاهہ نهاري ٿي، هن جي نيڻن ۾.

-

هي روڳ، درد، هي آهون، هي سُورَ تڪليفون،
انيڪ مرض، شفا آهي هن جي نيڻن ۾.

-

سمورا بند سهي مئڪدا، مگر پو پيٖ،
پيئڻ، جيئڻ تا ڪئين مست، هن جي نيڻن ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

واچ جي ڪاتڻ سان ڪيڏي وقت پيو
ڏيرَ تي ڳولي 'فقير' اڄ بخت پيو.

ماءُ منهنجيءَ شال اوڍي هيئن چيو.
"هيل پارو آهي ڏاڍو سخت پيو."

—

ويندي ويندي پاڻ کي وساري وئي،
مون ڀڄل کي پيار سان تاري وئي.

آڳ برسي پئي جوانيءَ جي مٿان،
ماڪ جهيڙي بارش سان ٺاري وئي.

—

مون کي هن دوست وري ياد ڪيو آ شايد،
ڏيان ۾ هن وري آباد ڪيو آ شايد.

وصل ۾ ئي هيو فراق کي ڪندو شامل،
ان ادا ئي مون کي برباد ڪيو آ شايد.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

رات گهاريءِ هليو ويو هُو ٻ
بس گذاريءِ هليو ويو هو ٻ

شمع وسنديءِ ڪڏهن رهي جلنديءِ
مون کي ماريءِ هليو ويو هُو ٻ

—

سِنڌڙي چوي نہ ڪوءِ
جِنڊڙي جِنڊڙي سَڀُ چوڻ

ڪرم نہ ڏوئي ڪوءِ
مايا جي سنسار ۾

—

مون کي هن ياد ڪيو آ شايد
ڏيان ۾ هن وري آباد ڪيو آ شايد

وصل ۾ ئي هيو فراق ڪندو شامل
انهيءَ لمحي مون کي برباد ڪيو آ شايد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# اڪيلا شعر منهنجا

سِڌي لڪير بنائڻ مصوري ناهي.
هوا ۾ رنگ اڏائڻ سان نقش جڙندا هن.

-

ڇڙي زبان هلائڻ ته رهبري ناهي،
جگر جو خون جلايو ته انقلاب اچي.

-

پري ڪان ته پوري نظر تي اچين،
اڌوري اڌوري آن ويجهي ڪنا.

-

تنهنجي گهر جو رستو آ.
سهڻو ڪو گلدستو آ.

-

پاڻ تي پاڻ مهربان آهيان،
مان ئي سورج، مان آسمان آهيان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

لغڙ جو پيچُ ڳنڍيل ڏور ڇني وڃهندو ا.
نظر جو پيچ، ڇڳل ڏور، ڳنڍي وٺندو آ.

–

رڪيٺي جو چاهہ مان هٿ جي مٺان هٿُ.
جهُري پئي دل، اکيون آليون ويون ٿي!

–

دل چاهيندي آهي روئڻ،
لڙڪن سان ڇهري ڪي ڏوئڻ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

صاحب خان ”سورھ“ ميراڻي - نئون ديرو
Cell No : 0344 - 3919786



# نظم

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# تون نہ روئجانءِ

انھيءَ ڪان اڳ ھليو وڃان،
اگھور ننڊ ۾ سُمھان،
تو ڪال ڪوٺڙيءَ منجھان،
ھي خط پيار سان لڪان،
پڙھي نہ روئجانءِ، تون نہ روئجانءِ...

رات، جاڳ ۾ ڪٽي،
سموري ڳُڳھ ڪي لٽي،
ءِ دک جو سڳو وٽي،
مُرڪ پوئجانءِ، تون نہ روئجانءِ...

ھُو ستارو شام جو
لھي اچئي اڱڻ ۾ جي،
چُمئي جي ھَٿَ اوچتو
ڏک نہ سوئجانءِ، تون نہ روئجانءِ...

منھنجي ياد تانءَ ڪي،
اڱڻ جي اُس ڇانءَ ڪي،
ءِ پنھنجي منھنجي نانءَ ڪي،
دل سان ڏوئجانءِ، تون نہ روئجانءِ...

ڇجي جي نيَ مان ڪٽِي،
پوي جي پڻُ ڪو ڇٽي،
تہ ڪائي سھٽي پدمٽي،
مٽيءَ مان ڳوھجانءِ، تون نہ روئجانءِ...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# ڇهرا ڇهرا چنبڊ لڙهن ٿا

هي ڪاريءَ جو ڳنڍُ لڙهي ٿو
يا سنڌوءَ ۾ چنبڊ لُڙهي ٿو.

چانديءَ واليون ٽمر ٽمر تارا،
لهرن ۾ چڙهه رات ڀري ٿي.
رتو رت ڪليل ڇپڙن تي،
اڻ پوري ڪا بات ڀري ٿي،
لڙهندڙ نيڻن ۾ صدين جي،
قيدياڻي پرڀات ڀري ٿي.

هڪ ئي ڳيت ۾ ڏينهن ڪي ڏوڪي،
ڪيئن وڏيرو رات ڪري ٿو!
مُڇ مروڙي بات ڪري ٿو
حُرمت، سهڻي، سُندر سِيتا،
ڏاهپ، سياست، سوچ سييتا،
سڀ سان ننگو ناچ ڪري ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

دیس سمورو ڄڀ ڪپايل،
منڍو ٽنڊو گهايل گهايل،
ڪائي سَٽَ، نہ ڪوئي سائل،
هرسُو ماٺ مِرونءَ جهڙي آ،
چوڌس رات مِرونءَ جهڙي آ،
بس هڪڙي سِندو ئي آهي،
جنهن منجهہ لهرن جي بدلي ۾،
ڪيئي اُجرا ڳنڍَ لڙهن ٿا،
ڇهرا ڇهرا ڇنڊ لُڙهن ٿا!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# تون

تون ئي اول، آخر تون،
تون ئي ظاهر، باطن تون،
تون ئي صديون، پل ڪن تون،
تون ئي جهنگل، ڀن ڀن تون،
تون ئي هر شئي جو عنوان.

تون ئي ڌڙڪين هر دل ۾،
تارن جي تون جهلمل ۾،
تون لهرن جي رلمل ۾،
تون ٻنين ۾، تون مِل ۾،
تون ئي صورت ۾ 'سبحان'



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

دور افق ۾ تو جاڳين،
تارن کي تون تو واڳين،
سمنڊن ۾ تو ساھہ ڪٽين،
ڌرتيءَ لئہ ڇا ڇا نہ ڇٽين،
سمجھي پوءِ بہ نٿو نادان.

تون ئي ذاڪر، مصور تون،
تون ئي معني، شاعر تون،
تون ئي خالق، مالڪ تون،
تو ئي مٽيءَ مان خلقيو
مٽي تي ويندڙ انسان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# سنڌ يونيورسٽي

سنڌ يُونيورَسٽي سنڌ يُونيورَسٽي،
او سڪيءَ جهڙي سنڌ۾، سنڌ يونيورَسٽي.

تنهنجي پيچرن مٿان، مان جي ميتَ پائيا،
چنڊ راتڙيون رُلي، جن لئہ گيت ڳائيا،
سي وچوڙي مُنڊ ڏس، ڪيئن اڄ اُڏائيا.

جي بہ خواب پوکيم، رات جي زمين ۾،
سي اَجا ڪِڙيا نہ ها، ڪنهن ٻڌل ربين ۾،
تنهن ڪان اڱ تنگي چڏيئي يقين بي يقين ۾:

مان تہ اَڄُ وِچان پيو، تنهنجا در دَريون چُمي،
وک وک ياد ڪي، ايئن ڪٽان پيو نمي،
تيز مينهن ۾ پويہ جيئن جهوپڙي جهمي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

تنهنجي شام لام تي، مان به ڪوپڪي هيس
مُرتضيٰ جي ڳوٺ جو جڻ جبل لڪي هيس
جاڳ ۾ لڏل ڪوئي، خواب او سڪي هيس

تون سندم ڇُميءَ سندو آخري سرور آن،
تون سندم ونيءَ سندي سينڌ جو سِندور آن
مان هجان ڪٿي به پر، تون نه مون کان ڏور آن

او سڪيءَ جيان سندم سنڌ يونيورسٽي،
سنڌ يُونيورسٽي، سنڌ يُونيورسٽي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# ڪاش!

زندگي تو سوا ياسي تي ايئن،
جيئن قتل مندر ۾ ڪو قاتل ڪتاب،
جنهن جي پرزن کي ڪو ڳولي ساڙو ناٿ،
پر، نتا ان کي لين ان جا ٽڪر،
جي لين پيي تا، ته سڀ قاتل ذريل،
ڪاش هن کي سڀ ٽڪر ليجي پون،
سن قتل مندر ۾ ڀي خوشبوءِ رچن،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

## هڪ نظم

پوپٽ پنهنجا پرڙا سوئي،
جڏهن اُڏڻ جي ڪري تياري،
باغ سڄي ۾ خوشبو ڦهلي،
گُلڙا ڦلڙا ڪن گلزاري

ڪوريئڙي ڪان سِڪَ اُٺڻ،
جو نه سکيو آ مُور چڻڻ،
ڪنهن ٻي جي تو ڪين سُڻي،
پنهنجو گهرڙو پاڻ اُڻي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# ڪالهه امداد چيو

ڪالهه امداد چيو هو مون کي:
جيڪا ترتيب اسان ۾ ناهي،
آ، سا ترتيب، تنهنجن شعرن ۾:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# مختصر نظم

پوڙهپڻ جي رهگذر تي
ڪيئن تہ ڊوڙي پئي جواني
ڪيئن نہ ڊوڙي پئي جواني.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

صاحب خان ”سورھ“ ميراڻي - نئون ديرو
Cell No : 0344 - 3919786



# آزاد نظم

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# مان وچي ڇڪو آهيان...!

رات پوين پهر آهي،
۽ گلاب ٻوٽي تي،
پرهه موتي برسائي
پنکڙين کي ڌوئي ٿي.

هيءَ گلاب جي خوشبو
ٿي اچي پري تائين،
۽ سڏي پئي مون کي،
سمنڊ جي تري تائين.

مان وچي ڇڪو آهيان،
چو ٿي مون کي ٻنيلائي،
پيار سان ڳلي لائي،
هيءَ گلاب جي خوشبو.

تو جڏهن ڪنيو هٿ هو
منهنجي هٿ مٿان اي دل،
مان تڏهن ٿي سوچيو هو
زهر ۾ ملائي مڌ،
لڙڪ پيئڻو آهي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

خاڪ جيڏو آهي،
خاڪ، آهي ڪستوري،
جا لڳن کي لائي مان،
اڄ وڃان پيو تو دور
جاتي منهنجو اوسيئڙو
پڙ ڪان ڪري تو پور.

پُور منهنجو سنگتي هو
سُور منهنجو ساٿي هو
لڙڪ منهنجي نيڻن جي،
باغ جا مٺا ڦل ها،
ڪيڏا پيارا سي پلَ ها.
مان جڏهن اڪيلو هوس،
پنهنجو پاڻ ميلو هوس،
ڇڻ مياڻي ٻيلو هوس،
جنهن ۾ آس ٽانڊاڻا،
۽ خيال جا پوپٽ،
هر ڏسا اُڏرندا ها،
مان انهيءَ ٻيلي جو
هرڻ ڪو هٺيلو هوس.

پر جڏهن مليئين ۽ مون کي،
پور مون ڪان وڃڙي ويو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سورج منهن متيو مون کان،
لڙڪ جيڪي نيڻن جي،
باغ جا منا ڦل ها،
سي الائي ڪاڏي ويا!،

تنهنجي پيار جي چاهت،
منهنجي دل مسافر کي،
ڇا الائي سمجهايو
۽ سُنگهائي ساهن کي،
پنهنجي روپ جو عنبر،
منهنجو روپ بدلايو.

وقت ايئن گذريو پئي،
راهه ۾ هلياسين پئي،
هٿ ۾ ڏئي هٿڙو
گيت گنگنائيندا،
شاعريءَ کي ڳائيندا.

پوءِ الائي ڇا ٿيو جو
تو هو پاڻ بدلايو
۽ وجود تنهنجي مان،
اژدها جيان ڪوئي،
اجنبي اٿيو سايو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڦيريون پائي گم ٿي ويو
ٻڄي تيز واچوڙو،
تون هئينءَ نه ڪاٿي پي،
هو ته ٻانهن ۾ ڇوڙو
جيڪو پيار سان هو تو
منهنجي ٻانهن ۾ پاتو.

لک پيرا چاهيو هوم،
جنهن کي يار لاهڻ لاءِ،
ڪو هيو لٽو سو جو
تنهنجي ياد جو رستو.

منهنجي ٻانهن جو ڇوڙو
ٿي جڏهن ڏنم ڇوڙو
مون کي ايئن لڳندو هو
ڄڻ ڪو واعدو ڪوڙو.

رات جو پهر پوين،
ءِ گلاب پوتي ٿي،
پرهه موتي برسائي،
پنکڙين کي ڌوئي ٿي.

هيءَ گلاب جي خوشبو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تي اچي پري تائين،
سمنڊ جي تري تائين.
مان ويجي چڪو آهيان،
نئون جهان تورڻ لاءِ،
۽ سپُن کي سورڻ لاءِ.

ڪير سمنڊ لهرن تي،
پيو گلاب برسائي،
منهنجا سڏ ورنائي،
ڪوڙ ناهي ساگر ۾،
دور چنڊ گهاگهر ۾،
چاندني چِٽي آهي.

هر طرف هندوري جيئن،
تيون لڏن پيون لهرون،
جن ۾ خواب جاڳن ٿا.
انڻ چٽن سوالن جا،
سڀ جواب جاڳن ٿا،
مان سمهي پيو آهيان،
۽ عذاب جاڳن ٿا...!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# خواب اسان جا....

ڏهه ڪلو اٽي جي خاطر
خواب اسان جا
قطارن ۾ بيٺل آهن
پيڙهوا ۽ بيغيرت ليکڪ
ڦرٽين ڪرسين
تي ويهن ٿا
ڪيئن نه گهري ننڊ سمهن ٿا
اعليٰ منصب تي ويٺل جا پير چٽن ٿا!
خواب اسان جا راهه رلن ٿا
مائن جهڙا خواب مقدس
رستن تي بي عزت ٿين ٿا!
حيران حيران چونڪ ڏسن ٿا
۽ شهرن کي ماٺ لڳي ٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هڪ ڪلو جي ڪنڊ جي خاطر
خواب اسان جا ڏاڪو ڏاڪو
هيٺ ڪرن ٿا.
لٽن هيٺان ڍير ٿين ٿا
دم گُھٽجڻ سان ساهه ڏين ٿا
پوڙها ٻوڙها ڏاها ماڻهو
سرڪاري سونن ٻلن ۾ چَپ چُھٽائي
چُپ رهن ٿا!
عيد اچي ٿي
قبرستان ۾ رش وڌي ٿي
هٿ کڄن ٿا
۽ ڪنهن جي ياد جو ڪانُ ڪپي ٿو
ڇاتيءَ آرپار ٿئي ٿو۔
لڙڪ لڙن ٿا
بارش ٿئي ٿي
۽ بارش ۾
راتِ پجي ٿي
ننڊ ٺري ٿي!
اڌ اگهاڙا خواب ڏکن ٿا
هڪ هڪ ٿي بيهوش ٿين ٿا
ٽي وي جي هر چئنل آڏو
خوابن جا سوداگر ساڳيا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

خوابن جي بازار لڳائي
ٻڪ ٻڪ ڪن ٿا!
ڪوڙا سالا
رات ٽيڙ سان ڀري پيالا
ناچ ڏسن ٿا
ٺهڪ ڏين ٿا
هٿنگ اوور ٿي
خواب اسان جا ڊسٽ بن ۾
اُلٽيون ڪن ٿا!
خواب اسان جا
اُبڙيل سُبڙيل
پيٽ ٻڪايل، انگ اگهاڙا
جن لئه ڏڪ، ڍِهاڙا اهڙا
تيز ڌار جي خنجر جهڙا
گلو ڪٽين ٿا،
دل ۾ جڙ پيوست ٿين ٿا
صدين ڪان تذليل سهن ٿا
پوءِ ٻه الائي ڇو نه مرن ٿا-
خواب اسان جا..!!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# او ستارا

او- ستارا
منهنجا پيارا
هن کي چئجان:
سال گذريا، ڏينهن لڙيا
سانوڻين جا مينهن لڙيا
چوڏهينءَ جا چنڊ چڙهيا
تون نہ آئين، چو نہ آئين؟
او ستارا!
منهنجا پيارا،
هن کي چئجان:
هيءَ جواني بار آهي
سامهون دريا تار آهي
ساهہ گهڙيون چار آهي
تون نہ آئين، چو نہ آئين!
او ستارا، منهنجا پيارا
هن کي چئجان...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# ھي ڪنھن جا خواب تا لڙھندا وڃن..!

ھي ڪنھن جا خواب تا لڙھندا وڃن
سنڌو ءَ جي لهرن ۾
ھي جُهرندڙ جهوپڙيون آھن
يا منهنجي روح جون تختيون پيون وکرن
ھو ننڍڙي وچ، تري ھڪ وار ظاھر ٿي
وري گم ٿي، تہ گم ٿي وئي،
ھُو ننڍڙي ٻارڙي آھي
يا آھي ڪو ڪنول جو گُل
جنهين جي ھر ڪنيل وک تي
تو منهنجو روح ٻاڏائي
خدايا! بس گهٽو ٿي ويو
خدايا رحم ٿئي ھاڻي....



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اسان جا ڳوٺڙا جيڪي
زنَا تي ويل نياڻين جي چيهاڙيون چادرن جهڙا
ڇتين ڇولين جي لهرن تي لڇن ٿا پيا.
اسان جا وقت جا حاڪم
انهن ڪمزور ڳوٺن کي ڏسن پيا ٿا
پنهنجين پٿر نگاهن سان
جتان ڪتيو هُنن آهي
انهيءَ ڪمزور رُڪنيت جي ٿي طاقت سان
بڻيا ايوان جا مالڪ
نه جن ۾ آسرو ڪوئي....
رڳو ڳالهين جي گُلڪاري ڪري
تصويرون ڪيرائي
ويڻ گهر تي...
نڏٽڪا, سر بچائي جيڪي نڪتا هن
انهن جي هارڻن جي پيٽ ۾
بُک جا لڳن ٿا ڇَڪَ
رڳو ڳوڙها نصيبن ۾،
ڏکيا رستا نصيبن ۾،
سُڪا سڏڪا نصيبن ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# طلسم

توکي ڏسندي رستو وسريو
۽ رستي کان گهر
گهرَ کان دروازو وسري ويو
دروازي کان در
مورن کان جهنگل وسري ويو
جهنگل کان درياءُ
دريائن کان ڇوليون وسريون
۽ ڇولين کان چنڊ
چانڊوڪي وسري وئي چنڊ کان
مون کان پنهنجو نانءُ
وڻڪارن کان تاريون وسريون
۽ تارين کان چانءُ!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# شرمائي ٿي

ڪنگڻ پائي ٿي
۽ شرمائي ٿي.
ٽپهريءَ جي تاڪ
ڪوئل ڳائي ٿي
هن کي ياد ڪري
ميندي لائي ٿي
اک ملائڻ ڪان
چو ته لنوائي ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# سنڌ جڻ فوٽ بال آهي

ڏڪا سڏڪا نصيبن ۾
هُو پوڙهو دربدر ٿي ويل
هو نياڻي ور ڪان وڇڙي ويل
صبر تن جو ڏسو ڪيڏو نه اونهو آ؟
چون ٿا:
بس خدا ڪئي آ
شڪايت ڪنهن سان ڪانهي ڪا،
ڏنو ڏک آ انهيءَ مالڪ، ته لاهيندو به آخر سو
هي سياست گير پاڙيتو
وڏيرا پٽ فرعوني،
سدائين جن هنن جي روح ۾ پوڪيا ڪنڊا آهن،
اکين ۾ لڙڪ جن پويا سي تن جا ڏک ڇا سوئيندا،
يءِ ڪيهڙا درد ڏوئيندا...!؟
سنڌي سڀ ازل کان صوفي
صبر جي ٿا سزا لوڙن،
خطا انسان جي ڪي، پي خدا جي ذات سان جوڙين،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اسان جا يار بيگانا،
ڳجهن، گهوڙن جا پروانا
هي شاعر، فلسفي پيارا
تيا اين جي او جا ديوانا
جي ڪن ڪجهه وقت لئه موقوف پنهنجا خيال مستانا،
جيئن ڪجهه سنڌ لئه هاڻي، ڏين ڪجهه سنڌ کي هاڻي،
۽ جيڪي ديس ۾ پنهنجي تيا بي گهر
وڃن تن ڏانهن ڪنهن ٽاڻي.
جي هوندي سنڌ ۽ سنڌي
ته گهوڙا ٻيا ٻچي پوندا.
ڳجهن کي ٻيا ملي پوندو
ڪو موقعو ڊوڙڻ کائڻ جو.

هي جيڪي رت روئيندا، ۽ پنهنجا سور سوئيندا
ڪراچي پنهنجي جنت ۾
تُتي پرزا تي پهتا هن،
انهن معصوم مارن جي
قتن تي لوڙ ڀرڪڻ لئه
رڳو گوليون هلائڻ لئه
شهر جا تارگيٽي سڀ ڪِلر
تيار ويٺا هِن!
مٿان هي سنڌ جا جوڌا،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

۽ قومي ڪارڪن پيارا،
رڳو نعرا رڳو نعرا.

سموري سنڌ جڻ ميدان ۾
فوٽ بال وانگر آ
انهي جي بس نصيبن ۾
لکيو آهي رڳو ٺُڏجڻ
رڳو ٺُڏجڻ،
رڳو ٺُڏجڻ!!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## هو اڪيلوئي تہ هو!

جنازو کڃيو ۽
لِهي ويو قبر ۾!
مٽيءَ سان ملي ويو
اهو شخص جيڪو
ٿڪ هو
هيو سڌ. پڙاڏو
۽ تاريخ جي ڪنهن
حسِين باب جهڙو!
نہ جنهن هٿي هلائي ڪڏهن ڪا بہ گولي
نہ فتنو نہ فتوا!
محبت جي گيڙو حَسِين شام جهڙو!
مزارن تي ويٺل ڪبوتر جيان پاڻ ۾ گم
خدا جي وليءَ جي مجاور سمان۔
۽ جنهن کي تڪيندو رهيو آسمان.
صبح جنهن جو پيءُ هو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هئي رات جنهن جي امان
۽ شام هن جي هئي،
وچڙيل پريتما!
هُو اڪيلو هيو
هو جذهن۔
۽ ناهي جذهن
تذهن به،
هو اڪيلوئي تہ آهي!
هن جي آلي مٽيءَ جي مٿان
هن جو پاڇو
ستارن ڀريل آسمان کي تڪي پيو
ڏسي پيو زمين کي
جهان کي۔
جنازو کڄي ۽ لهي ويو
قبر ۾،
مٽيءَ سان ملي ويو
مگر هن جو پاڇو
سدا مُرڪندو تو رهي
پاڻ تي،
پاڻ جهڙن ٻين تي
هيا جيڪي
هاڻي جي ناهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

"نہ رهندو ڪوئي..."
چپن ۾ تو پٽڪي
جيئين شام جي پهر ۾
ڪائي ڪونج ڪُٽڪي
"نہ رهندو ڪوئي..."
هُو چپن ۾ چوي تو
۽ لهي تو وجي رات جي ڪنهن
پهر ۾
قبر جي شهر ۾
جنهن جي سنسان گهٽين ۾
گمنام پاڇن جا پهرا
حراسيل حراسيل ۽ حيران
رهن ٿا
گهٽين ۾ تڪيندا
رهن ٿا
نگاهن جا بي عڪس پاڇا
جهپيندا رهن ٿا!!!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# منور پٺاڻ جي نالي

ڪالهه ڪلاچيءَ ۾ ماريو ويو
تنهنجي نانءَ تي واريو ويو.
منهنجي گهر جي آڳر ۾
ٻڌجي سڄ لٿو آ.
ڳاڙهي گُلَ گلاب جيئان
اُپٽيل اک جي خواب جيئان
قومپرستيءَ جي چوٽيءَ ۾
مهڪي پيو آ، مرڪي پيو آ
مهڪي، مرڪي، جرڪي پيو آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# لهر ٻري ٿي

ڏيئو ڏيئو لهر ٻري ٿي
مُرڪي مُرڪي اک پڇي ٿي
چرڻ ڌوءَ چئي ٿي:
ڪلهه جو ڪجهه هو
سواچ ناهي
اڄ جو آهي
تنهنجن ڪالهوڪن،
ڪشالن جو ڦل آهي.
ڌرتيءَ جي سيني مان نسريل
جڳ مڳ ٻولارن ڏي ويندڙ
مستقبل جي ڪا ول آهي
جنهن جي نس نس ۾ پن پن ۾
تنهنجين ٻانهن جو ٻل آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# شهر منهنجو

شهر جيڪو ڪڏهن، منهنجو پنهنجو هيو
اجنبي بڻجي تنهن ۾ گهمان ٿو پيو
هر گهٽي هر گلي، ڪافرن کي ملي!
رات جي پيٽ ۾ هيءُ ڇا ٿي ويو...!؟
صبح هوندي به ڇڻ: خوف جي رات آ
ظلم جي انتها: موت کي مات آ
سيني سيني ڪتل: ڪرت ۽ ڪات آ
پو به ڇا لئه پلا: ايتري ماٺ آ
ڪو به ناهي هٿي، نعرهٔ حيدري!!؟
ڪو به ناهي ڪٿي نان تنهنجو يا علي!!!؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# نظم ـ کهاڻي

سانجهيءَ ۾ گم ٿيندڙ منظر!
او مانجهي، او منهنجا مٺڙا پيارا مانجهي
سچ لهي ويو ٿي وئي سانجهي
ڪهڙي پار وڃين ٿو؟
پاڻي پنهنجن پورن ۾ آ
۽ تون ڪهڙن سورن ۾ آن!؟
تنهنجي پيٽ جيان او مانجهي
تنهنجو رڇ به خالي آهي
هر پل جڻ ته سوالي آهي
جنهن ۾ وقت جا ڪوتا سڪا
لڙ لڙ ڪن ٿا.
ڏور خلا ۾ ننڍڙا تارا.
تنهنجي ڏک تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پڻ جُهڙ ڪن ٿا.
ٻالڪ تنهنجا ٻڪ ۾ پنهنجا
نَڪَ سٽڪن ٿا
'ٻالي' – راهه نهارڻ ٻدران
ٿالهه نهاري پيئي خالي
۽ هُوءَ تنهنجي چنچل سالي
تارن ۾ تاريخ پڙهي ٿي
ڪنهن لئه ويٺي ڏينهن ڳڻي ٿي؟
ان لئا؟ جيڪو ورٽو ناهي
جنهن کي شهر ڳهي ويو آهي
جنهن لئه ڳوٺ جو هر هڪ منظر
هاٿي جڻ بيهي ويو آهي!
هي پر، هن کي ياد ڪري ٿي
تارن ۾ تاريخ ڳڻي ٿي
آئيني جي آڏو بيهي
پارَ وٺي ٿي.
جنهن لئه گهر ٿي ويندڙ
ڪي پي ڏينهن اجايا ناهن
شايد، شايد، ان لئه چوريءَ
پنهنجا نيڻ سجايا آهن.
ٻارن سان گڏجي سانجهيءَ ۾
گهرَ جا ٿالهَه وڃايا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مگر هوا ۾ طاقت ناهي
جا هن جو پيغام رسائي
خالي ٿالهہ جو گيت سڻائي
۽ دل جو احوال ٻڌائي.
جو هو ڇورو شهر وساري
پنهنجي گهر ڏي موٽڻ چاهي.
پر او مانجهي!
توکي هي ڇا ٿي ويو آهي
گهر پٺتي رهجي ويو آهي
ڪهڙي پار وڃين ڏوڪيندو!!؟
پُورن سان، هي رَڃ پريندو......
پنهنجو پاڻ سان سُورَ سليندو
او مانجهي!
او منهنجا مٺڙا!
پيارا. مانجهي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# موت

موت، جنهين کي ڪو پڙ ناهي
پر، نه هوندي پي اڏري ٿو
موت جو توڙي ڪو گهر ناهي
پوءِ بہ هر گهر جو واسي آ
ظلم سندس جڻ ڪا داسي آ
اونچيون ديوارون ڀي ساريون
موت اڳيان معمولي آهن
توکي آخر مرڻو آهي،
هٿين خالي ورڻو آهي،
جيڪو ڪجهہ آ، هت ڌرڻو آ
موت اٽل آ.
ظالمـ تنهنجي گهر جي آڏو
سگهري پل آ: موت اٽل آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# منهنجي دل

او منهنجي دل ڪٿي آهين؟
اچي تون مِل، ڪٿي آهين؟
اُفق، شامون، اڪيلو مان،
وسي بادل، ڪٿي آهين؟
ڪڪوريل لام تي ويهي ڪري،
ڳائي پئي ڪوئل،
اُهو دريا، نہ آهين تون،
اُها ئي پُل، ڪٿي آهين؟
تصور جا ڪُليا تاڪيا، سڀئي منظر
ٿيا رلمل
بسنتي رات جي ٿڌڙي هوا سان،
وار کولي ڳهُل،
ڪٿي آهين؟
بتيلو آ ٻيڙ هيلان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪنڌيءَ ڪي ٽيڪ ڏئي بيٺل
وهي دريا، پيو مائو
مٿان تارن سندي جهلمل.
ڪٿي آهين؟
گهليا ها سون، هوائن جان.
وُٺا ها سون، گهٽائن جان.
اُهي راهون، نهي ٻانهون
ورائي روح منهنجي کي ويون آهن.
ڪٿي آهين؟
چون ٿا، زندگي پِي بندگي وانگر.
مقدس ۽ حسين آهي،
خدا جي خلقيل ماه لقا ۽
مهه جبين جهڙي مقدس پُر تقدس آ
مڃان ٿو مان، ڪٿي هوندي،
مگر توکان سوا، او-دل،
جيئي پيو جاڙهي بسمل،
ڪٿي آهين- ڪٿي آهين!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# حسرت

دل چاهي ٿي
ايڏو ڳايان
من جي هر ڪا تار ٽُٽي پئي!
پر ڪنهن لاءِ؟
ڪو به ته مَن جو ميت نہ آهي،
ڪنهن جي مون سان پريت نہ آهي،
آءُ اڪيلو آهيان جڳ ۾،
.ن پٽ ۾. جيئن پتڪيل راهي.
جنهن جو ڪوئي ماڳ نہ آهي،
جنهن جي ڪائي منزل ناهي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# يادون ڀي ڪي مَڇيون آهن

ڀَنُ ڀَنُ ڦاٽل پوتيون هئا جي
پولارن تان اُڏري تن تي
چانو چَتِيون تي چا لئي آهي.

رات سموري آجرڪ ڦُلڙيون
تارو تارو تمڪي تي.
يادون ڀي ڪي مَڇيون آهن
ڳاڙهيون، سايون
رنگ رنگيليون
نيٽن جي اڪيوريم ۾
هيڏي هوڏي ڦيريون پائي
دلين کي وندرائن ٿيون
واندا پل ڪُتائن ٿيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# مرڪڻ تي پي بندش آهي

مفلس موچي!
تنهنجا خواب بہ
ميرن سَيرن جوتن جهڙا
جن تي روز
ڪرين تو پالش
چمڪائين تو
شيشي وانگر
عڪس ڏسين تو
جنهن ۾ پنهنجو
۽ مُرڪين تو
قاتل ساتل
اُبڙيل سُبڙيل
جوتين جهڙيون مُرڪون.
مُرڪ ڀلي تون
مرڪڻ تي پابندي ناهي
خواب ڏسڻ تي
آ هت بندش
پوءِ بہ خواب ڏسي تو مرڪي
چوري لُڙڪ اُگهي تو مرڪي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

چو تہ جتان جو
رهواسي آن
اُنَ نگريءَ ۾
خواب ڏسڻ جان
مرڪڻ تي پي بندش آهي
مون کي اڪثر لڳندو آهي
هر ڪو هتڙيہ
تو وانگر ئي
موچي آهي
ميرا سيرا
خواب ڏسي تو
جن تي روز ڪري پالش تو
چمڪائي تو شيشي وانگر
عڪس ڏسي تو
تنهن ۾ پنهنجو
۽ مُرڪي تو
چِڱل جوتين جهڙيون مُرڪون!

اسان اپاڳن جي پاڳن ۾
ميرن سيرن
جوتن جهڙا آيا خواب
۽ جي مُرڪ بہ آئي سائين:
قاتل سائل
اُبڙيل سبڙيل.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## سارَ_ اوسارَ.....!

نہ اُهي نيڻ هٺيلا، نہ اُهي گهاٽا وارَ
نہ شرارت سا چپن تي، نہ ڳلن تي گلزار،
نہ اُهي ٺهڪ جي ٽِڙندا هٺا ٽانگر وانگر،
نہ اُهي سَڏَ پڙاڏا، نہ ڪي ساڳي گونجار،
نہ اُها وِڪَ ٽِڪيري، نہ اُهي تيل ڦُليلَ،
نہ اُهي وَڻَ نہ پکي، ۽ نہ ڳلي ۾ سا گُليلَ،
نہ ڳليون ساڳيون، دريون ۽ نہ اُهي دَروازا،
نکي ٺهڪن جون ٽليون، ۽ نہ ڪا نيڻن جي ڪٽارَ
پيو محسوس ڪريان پاڻ کي اڄ پاڻ کان ڌار.....!
منهنجي اسڪول جو ٽاور بہ اُهو ساڳيو آهہ،
جنهن جي گهڙيال جو آواز اُهوئي آهي،
پر ڇو اسڪول جي حُسناڪي وئي آ گُم ٿي؟
منهنجي اسڪول جا سڀ دوست ٽڙي پکڙي ويا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

نہ ڪو منصور، نہ امداد، نہ ئي نورالدين٭
ٻِڙيءَ مان مُرلي وڄائيندو هيس جن سان مان!

مون کي رخسانا اڄ ياد پئي چوايڏي...!
جنهن جي رخسار تي هرپل هئي هِڪَ چِڳ لُڏندي
جنهن جي اک پرسان هو تاري نما هڪڙو نيشان
جنهن جي چهري کي ڏسي ٿيندو هو هيڙو ڪو گمان،
مُلڪ يونان جي سا ڇڻ تہ هُجي شهزادي
هُوءَ آواز جي مهتاب برابر نہ هئي،
پوءِ بہ آواز ۾ ڪا ڳالهہ هيس مهتابي
سا ڪٿي آهہ؟ ڪٿي هوندي؟ خبر ئي ناهي!
ياد ماضيءَ جا ورق چو تي پئي اُٿلائي....!
ڪو بہ ناهي، جو ڳلي لائي ۽ مَن پرڀائي،
تي هوا گيتُ اداسيءَ جو اڱڻ ۾ ڳائي
ريل جي ڪُوڪ انڌيري کي پئي پرچائي....
بلب آهي تہ سهي، روشني پوءِ ٻي ناهي
آرسي آهہ، مگر ڪوئي بہ چهرو ناهي
دل تہ ڌڙڪي پئي، پر جسم ڪٿي پي ناهي
لڙڪ لرزي ٿو مگر، نيڻَ ڪٿي پي ناهن
درد آهي تہ سهي، زخم ڪٿي پي ناهي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner



# بيت
# ۽
# وايون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ساريان سويان ڳالهڙيون، هيڪلڙي ويهي،
وِڪَ ٻرايان جنهن ڏسا، سا دِلبر ديهي،
مون سان مون جيهي، ڳالهه ڳڇيندي ڳالهڙي

جُهريل آءُ اڳي ئي، هانو ۾ آهن هور،
ڪاتب ڪرت قلم سين، ڪبي ايئين مَرڪور
مَنَ ۾ تُنهنجي چور، مون کي ٻڏين ڪوهه پيو...!

آءُ اڄين پاڻيءَ ڪان، پاڻي لئه مان اُڃَ،
سرتيون سورن سيج تي، تي چوڏاري سڃَ،
ماري ڪندو مُڄَ، گوندر گَس فراق جو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# وايون

رات جي پوئين پهر ۾
مون کي جاڳائي،
سپنو پاڻ سمهي رهيو.

مون کي هيسائي
تن من لرزائي،
سپنو پاڻ سمهي رهيو.

تيز هوائن ۾ لڪل
سڀ سڏ ورنائي،
سپنو پاڻ سمهي رهيو.

صحرا جي برسات ۾
گيت ڪوئي ڳائي،
سپنو پاڻ سمهي رهيو.

آدجڳاد جون منزلون
پيو تو سمجهائي،
سپنو پاڻ سمهي رهيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اوجاڳي جي آڳ،
آلاپيندڙي راڳ،

هانءَ نہ هار او- سانوري

ڪرڻ ڪا وِڪ وڏاندري،
سامهون آهي ماڳ،

هانءَ نہ هار او- سانوري

پَسنديئن پِرين چانورا،
لهندئي دل جا داڳ،

هانءَ نہ هار او- سانوُري

چوٽي چوٽي چمڪندا،
پنهنجا چندن ٻاڳ،

هانءَ نہ هار او- سانوري

پُهچي پئبو پار ئي،
جهاڳي سمنڊ اَجهاڳ،

هانءَ نہ هار او- سانوري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

امبر اوڊيو ويس آ
تي وئي ميگهه ملهار
ڪوئل ڪُوڪي انب تي.

خوشبو سارو ڏيهه ٿيو
ماڻهو هو مهڪار
ڪوئل ڪُوڪي انب تي.

چاهت وسي چت ۾
چاهيندڙ هُنَ پار
ڪوئل ڪوڪي انب تي.

اُلهي اونده انت ۾
اُپري سِجُ اُيار
ڪوئل ڪوڪي انب تي.

گهڙندي جا گجگاهه ۾
ملندي سا ميهار
ڪوئل ڪوڪي انب تي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner



# نثري نظم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# هڪ فنڪار جو لاڏاڻو

هُن جي مڪ تي،
نيڻ، وياڪلتا جي رڃ ۾ ڀٽڪندڙ
پياسا هرڻ
گھايل ڪندڙ هڪ گُهور سان
مون ڏي ڏٺائين
مرڪيندڙ لفظن ۾ چيائين:
"سُڌُ هوندءِ!"
مون چوڻ چاهيو گهڻو ڪجهه
مون رئڻ چاهيو مگر
ڪنڌ ڌرڪي ويم، چيم: ها!
بس ۾
ڪنهن وڏي واڪي پڙهي اخبار جي سُرخي
'سنڌي ادب جو پارکو ڪالهه ويو مري'
مون رڙ ڪئي:
ڪُوڙ آهي،
هُو امر آهي، امر رهندو،
لکيل لفظن جيان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# ڏک نہ تيڻ گھرجي

ڏک نہ تيڻ گھرجي
جڏھن ھٿن جا پاليل
پکي توڙي ٻار
پَرَ ڦٽڻ ڪان پوءِ
اڏامي وڃن،
پويٺ
اڏامندا آھن تہ
ھٿن ۾
رنگ رھجي
ويندا آھن!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# خواب اسان جا....

ڏهه ڪلو اٽي جي خاطر
خواب اسان جا
قطارن ۾ بيٺل آهن
پڙوا ۽ بيغيرت ليکڪ
ڦرٽين ڪرسين
تي ويٺا هن
ڪيئن نه گهري ننڊ سمهن ٿا
اعليٰ منصب تي ويٺل جا پير چٽن ٿا!
خواب اسان جا راهه رلن ٿا
مائن جهڙا خواب مقدس
رستن تي بي عزت ٿين ٿا!
حيران حيران چونڪ ڏسن ٿا
۽ شهرن کي ماٺ لڳي ٿي
هڪ ڪلو جي کنڊ جي خاطر
خواب اسان جا ڏاڪو ڏاڪو
هيٺ ڪرن ٿا،
لتن هيٺان ڍير ٿين ٿا
دم گهٽجڻ سان ساهه ڏين ٿا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پوڙها لوڙها ڏاها ماڻهو
سرڪاري سونن هلن ۾ ڇَپ ڇُهڻائي
چُپ رهن ٿا!
عيد اچي ٿي
قبرستان ۾ رش وڌي ٿي
هٿ ڪڇن ٿا
۽ ڪنهن جي ياد جو ڪانُ ڪپي ٿو
ڇاتيءَ آرؤن پار ٿئي ٿو-
لڙڪ لڙن ٿا
بارش ٿئي ٿي
۽ بارش ۾
راتِ ڀجي ٿي
ننڊ ٺري ٿي!
اڌ اگهاڙا خواب ڏڪن ٿا
هڪ هڪ ٿي بيهوش ٿين ٿا
ٽي وي جي هر چئنل آڏو
خوابن جا سوداگر ساڳيا
خوابن جي بازار لڳائي
بڪ بڪ ڪن ٿا!
ڪوڙا سالا
رات ٿيڻ سان ڀري پيالا
ناچ ڏسن ٿا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تهڪ ڏين ٿا
هئنگ اووَر تي
خواب اسان جا ڊسٽ بن ۾
اُلٽيون ڪن ٿا!
خواب اسان جا
اُبڙيل سُبڙيل
پيٽ بڪايل, انگ اگهاڙا
جن لئه ڏرَ, ڏِهاڙا اهڙا
تيز ڌار جي خنجر جهڙا
گلو ڪٽين ٿا,
دل ۾ چڙهي پيوست ٿين ٿا
صدين ڪان تذليل سهن ٿا
پوءِ به الائي ڇو نه مرن ٿا ـ
خواب اسان جا..!!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

## ابتي ڪٽنپ

ٻاونجاهہ سال گذري چڪا آهن
ٻارَ مان ٻڍاپ ڏانهن مائل ٿيندي
ڪو وقت هو...
جڏهن هرڻ وانگي چونڪڙيون ڀرڻ کان پوءِ ٻہ
دل جي نديءَ ۾ رت جون لهرون سانتيڪيون
رهنديون هيون...
اڄ حالتن منهنجي وجود جي تيز رفتار هرڻ کي
زخمي ڪري وڌو آهي
۽ هو مصلحتن جي جُهنڊ ۾ پاڻ لڪائي
اونهان ساهہ کڻي رهيو آهي
منهنجن ڪروڙين سال قديم نيڻن جي واديءَ ۾
ويچوڙن جي ڏنڌ
مون کي اڻ چٽو ڏسڻ جو عادي ٻڻائي ڇڏيو آهي...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# ابتي ڳٽپ

ٻاونجاهہ سال گذري چڪا آهن
ٻارَ مان ٻڍاپ ڏانهن مائل ٿيندي
ڪو وقت هو...
جڏهن هرڻ وانگي چونڪڙيون ڀرڻ ڪان پوءِ بہ
دل جي نديءَ ۾ رت جون لهرون سانتيڪيون
رهنديون هيون...
اڄ حالتن منهنجي وجود جي تيز رفتار هرڻ کي
زخمي ڪري وڌو آهي
۽ هو مصلحتن جي جُهنڊ ۾ پاڻ لڪائي
اونهان ساهہ کڻي رهيو آهي
منهنجن ڪروڙين سال قديم نيڻن جي واديءَ ۾
وڇوڙن جي ڏنڌ
مون کي اڻ چٽو ڏسڻ جو عادي بڻائي ڇڏيو آهي...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

منهنجي يادن ۾
نانءَ ۽ ڇهرا، اڳتي پوئتي ٿي
منهنجي ذهن سان لِڪَ لڪوتي کيڏڻ لڳا آهن
۽ حالتون سڏرڻ بجاءِ
ڪالهه کان وڌيڪ ابتر ٿي ويون آهن...
منهنجي ماستر پيءُ جي جناح ڪئپ
زنجير واري واچ ۽ عينڪ
سندس مُئي پڄاڻان
ڪرائي جي سستن گهرن جي لڏ پلاڻ ۾
وڃائجي چڪيون آهن
جن جي وڃائجي وڃڻ جو ڏک
رکي رکي.
منهنجي دل کي پوسرائيندو رهندو آهي.
اسان جون اميدون، سهڻن نعرن جي سيلاب ۾
الهه تلهه لوڙهي چڪيون آهن.
تبديل ڪجهه به ٿيڻو ناهي.
سواءِ سيڏي جي اگهن ۾ واڌ جي.
بيروزگاري بيماري ۽ تنهنجي منهنجي ٻارَمان ٻڏو ٻٽجي
واري واري موت جو منتظر ٿيڻ جي.
هو سڀ،
گذريل ٽيهٺ سالن کان
خود سريءَ جي گهوڙن تي چڙهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هن مقدس ڌرتيءَ کي رڍ سمجهي
"ٻزڪشي" راند کيڏي رهيا آهن.
اسان سڀ
هن طويل ناٽڪ جا مظلوم ڪردار به آهيون
ته تماشائي به آهيون-
گهٽو ٿي ويو...
هاڻي حياتيءَ جي ابتي ڳڻپ شروع ٿيڻ گهرجي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## ٻڪ جو ٻيرم رکڻ خاطر

جاويد ملڪ!
ڪالهه جي ڳالهه آ.
تو پڇيو هو شهيد بي بي کان:
"اوهان کي ڪٿي رهڻ پسند آهي...
لنڊن، فرانس دبئي يا پاڪستان؟"
جواب ۾ چيو هو بي بي شهيد:
"مان هڪ ڊگهي عرصي کان
بريف ڪيس ۾ رهندي اچان.
جنهن ۾ مون سان گڏ
منهنجا ٻه وڳا، ڪاغذ، ڪتاب
۽ قلم به رهندا اچن."
۽ تنهنجي ٻئي سوال جي
جواب ۾، هن چيو هو:
"مان پنهنجي قوم لاءِ
ڪنهن شينهڻ وانگر
سوچيندي آهيان.
سنڌس ڪاڏي خوراڪ لاءِ.
پر ماريت کان ڪيس بچائڻ لاءِ
سنڌس، سُک، سڪون ۽ عزت
جي زندگي گذارڻ لاءِ".
۽ 27 ڊسمبر جي شام تي
اسان جي ماءُ سمان
ٻيڻ...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

شينهن جهڙي سگهه رکندڙ
سنڌ جي بينظير کي
بگهڙن جي وحشي ٽولي
ويساهه گهاتي جي ليزر گن سان
ٽارگيٽ ڪري
اسان کي هميشه لاءِ
اڪيلو ڪري ڇڏيو.
اڄ سموري قوم
سنڌ جي شينهڻ جي
ڏيکاريل حَسين خوابن جي
سونهري پليٽن ۾
لڙڪ ۽ رت جا
ڏڪ پيري
پنهنجي ٻڪ جو پرم رکي رهي آهي.
۽ ڌرتي هوندي سوندي
پاڻ کي هر گهڙي بريف ڪيس ۾
بند محسوس ڪندي رهي ٿي.
جنهن ۾ هُنَ سان گڏ
شهيد بي بي جا ڏنل واعده
۽ هڪ نعرو هميشه
سفر ڪندو رهي ٿو:
"لي ڪي رهي گا هر انسان
روٽي ڪپڙا اور مڪان".



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## ياد، هڪ مهڪ جي...

منهنجن هٿن ۾
نارنگيءَ جي شاخ ۾ لٽڪيل
نارنگين جي مهڪ.
اڄ بہ تازي آهي
جن سان، گهڻو وقت پهرين کيڏندو رهيو هئس ٻارڙن
قسم سان
اها منهنجي حياتيءَ جي
سڀ کان قيمتي مهڪ آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## "ي" جي ڪڪڙ

ماءُ جڏهن حيات هئي،
منهنجي آيل
مون کي ڏرهي ياد ڪرائيندي،
"ي- تي پهچي چيو هو:
ي- هڪ ڪڪڙ آهي،
جيڪا ٻن نقطن جي آنن تي ويٺي آهي."
سال ٿيا.....
آيل منهنجي جهوني ٿي وئي،
بابا سائين پرلوڪ پڌاريو
منهنجا ٻچڙا ٿي ويا جوان

پر،
"ي" جي ڪڪڙ،
اڄ بہ ٻن نقطن جي آنن تي
ڪاري جيان ئي ويٺي آهي.

تون مون ۾ ائين رهندو آهين،
جيئن 'ج' جي اندر نقطو
جيئن ماءُ جي گرڀ ۾ نطفو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# بينظير ڏنئي...!؟

23 فيبروري

صبح جو ساڍا ڏهه

اسان جي گاڏي رائيس ڪئنال جي ڪُڙ ڏئي،

ڳڙهي خدا بخش جو رخ رکي ٿي،

رستي ۾ عورتن، ٻارن ۽ جوانن سان پريل

ٽريڪٽر ٽراليون

چنگچيون، بيل گاڏيون

هائيس وينيون ۽ سوزڪيون

ساڳي منزل ڏانهن گامزن آهن.

ڪجهه دير ڪان پوءِ

پري کان

آسمان ۽ زمين جي ميلاپ تي

شهيد جي مزار شام جي چنڊ جيان

هوريان هوريان اڀرندي ظاهر ٿيڻ لڳي،

۽ آخر

تاج محل وانگر اڇي آڏو بيهي ٿي-

عجيب سمان آهي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هيڏي ڀيڙ هوندي به هر ڪو
عقيدت جي ماڻ مراقبي ۾ ويڙهيل آهي.
ڄڻ ماڻهو آهن يا ريشم جا ڪيڙا!!
مزار اندر
شهيد بينظير جي
گلن جي پنکڙين سان ستيل لحد
سنڌي عورتن جي حصار ۾
قرآني آيتن جو ورد ٿي رهيو آهي
۽ ان وچ ۾ اوچتو
ڪو بي ردا
ماتمي لباس اوڍيل ٽولو اچي بيهي ٿو
۽ سينا ڪوبي ڪندي
سرائيڪي مرثيو پڙهڻ لڳي ٿو!

مزار اندر رش ۾ نهاريان ٿو
هر شخص گهايل ٿو لڳي.
مان عورتن جي حصار مان رستو ٺاهي.
لحد تائين پهچان ٿو.
پيراندي کان ويهي.
گلن جي ورڪا ڪريان ٿو
۽ سندس پيراندي چُمي.
هٿ اکين تي رکان ٿو.
پر ۾ ويٺل ڳوٺاڻي مائي ـ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پنهنجي انَن نوَن سالن جي نياڻيءَ ڏي ڏسي،
درد ڳوتل لهجي ۾ چئي ٿي:
'بينظير ڏٺئي...؟'
۽ ٻارڙي ڳالهين جي ڍير ۾،
حيران نگاهه سان ڏسڻ لڳي ٿي.
مان وڏيڪ ويهي نٿو سگهان،
پوءِ واپس ورندي،
گاڏيءَ جي دريءَ مان نظر ايندڙ
ڪيڙيل ٻنيون،
ٻيهر جا وڻ، واهڻ وسنديون،
۽ سنڌ جو آسمان مون کان پڇي ٿو:
'بينظير ڏٺئي...؟'
– ۽ مان پنهنجين پنل اکين سان،
زمين کان آسمان تائين،
ڳالهين جي پنڪڙين جي،
هڪ اڻ ڳڻت طوفان کي،
ڦيريون پائيندي ڏسندو رهان ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# قُرة العين طاهره جي نانءِ

تون خوش گُلو هئينءِ
تون خوش شڪل هئينءِ
تنهنجي شاعري اُها آڳ هئي
جنهن سان صدين کان باندي عورت جي ذهن ۾
شعور جون ڏياتيون جلي پونديون آهن.
پروميٿيس جيان
تنهنجو ڏوهه به شعور جي آڳ ورهائڻ ئي ته هو..؟
انهيءَ ڏوهه جي سزا ۾ توکي پهاڙ تي چوڪنيو ٻڌي
عقاب جي حوالي نه ڪيو ويو
جو اها سزا تو کان اڳ پروميٿيس جي نصيب ۾
لکجي چڪي هئي.
تنهنڪري
وقت جي حاڪم
تنهنجي ان عظيم عمل جي ڏوهه ۾
تنهنجي بخملي چپن کي سبرائڻ ئي مناسب ڄاتو
جو هن کي تنهنجي آواز جي سُرلتا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

چٽنگن جي برسات جيان ڏنيڻ لڳندي هئي
۽ جيڪو آواز عام انسان جي روح ۾
ڪو مقدس پڙلاءُ بڻجي پکڙجندو ٿي رهيو.
پر اهو به ڪيڏو نه عجيب راز آهي؟
ته تنهنجي آواز جي ’سِبيل ماٺ‘ مان هر پيري
ڪٿي نه ڪٿي
هڪ نئين قرة العين طاهره
پنهنجي وڏيڪ سرل ۽ سگهنڌي آواز سان
نڪري نروار ٿي
وقت جي ظلم تي
زور آور چماٽ بڻجي لڳندي رهي آهي
هاڻي اهو دور پورو ٿي چڪو آهي
جنهن ۾ قرة العين طاهره جي
چپن کي شعور جي آڳ ورهائڻ جي ڏوھ ۾
سبيو ويو هو
اڄ اها سُئي، اهو ڌاڳو
۽ اهي هٿ، وقت جي تهن ۾ دفن ٿي
هڪ نفرت ڀريل ياد بڻجي چڪا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# ڪڏهن ڪٿي ائين نہ ٿئي...!

چيمر:

مان شين کي وسارڻ لڳو آهيان،
ڪڏهن ڪٿي پرس،
تہ ڪٿي ڊائري
ڪٿي موبائيل
تہ ڪٿي عينڪ.
منهنجي ڳالهہ تي
تنهنجن ٽهڪن جي
فلڊ لائيٽس ۾
منهنجي من جو گمر سمر اسٽيڊيم روشن ٿي
پوي ٿو
جنهن ۾ تون مون کي:
ڳالهين جون سوئنگ، اسپن، گگلي
۽ باؤنسر ڪرائيندي
چوين ٿي:
پنهنجي عينڪ جو نمبر ميسيج ڪري ڇڏ
پنج ڇهہ عينڪون ٺهرائي اماڻيان ۽.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

هڪ بيڊ روم لاءِ، هڪ باٿ روم لاءِ،
هڪ ڪمپيوٽر تي رکي ڇڏ
۽ هڪ گاڏي جي ڊيش بورڊ تي،
هڪ آفيس جي ٽاپ گلاس تي پيل هجئي،
۽ هڪ 'نصير مرزا' جي آفيس ۾ به هجي
ها، پنهنجي عينڪ جو نمبر ميسيج ڪري ڇڏ۔
۽ مان پيهر تنهنجن ٿڪن جي فلڊ لائيٽ ۾
تنهنجي ڳالهين جي بائونسر، سوئنگ، ڳُگلي ۽
اسپن ۾ پاڻ کي هر بال تي آئوٽ ٿيندي ڏسي به
مرڪي چوندو رهان ٿو:
مان شين کي ته وساريندو ٿو رهان،
پر تنهنجي نانءُ کي لمحي لاءِ به
وساري نٿو سگهان،
تنهنجو نانءُ
اهو دستر آ،
جيڪو ذهن جي بورڊ تي لکيل سمورين يادگيرين
کي ميساريندو پيو وڃي،
ڪڏهن ڪٿي ائين نه ٿئي ته
مان ڪٿي به نه هجان
هر طرف تون ئي تون رهجي وڃين!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# ڪمرو منهنجو

هڪ بيڊ،
هڪ آئينو
هڪ صوفا
۽ ڪمپيوٽر،
ٽي ڀار
۽ بيشمار ڪتاب۔
منهنجي بيڊ پرسان وي پي جو سيٽ
هڪ وال ڪلاڪ
تنهنجو موڪليل ڪتاب
ڪجهه اخبارون تازيون
شاهه جو رسالو
گلن سان ڀريل راڙو
ديوار تي ٽنگيل گهڙيال
اڄي وسڪي جا گلاس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# بنا عنوان جي چھرو

ھو جو ڪتاب وانگر
پڙھڻ جو
عادي آھي،
تو روان ڪي اھو
بہ پڌايو تہ
جيڪو چھرو
اڄ ڪلھ ھو پڙھي
رھيو آھي
سو دراصل بنا عنوان
جي آھي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# پراڻي ڪاڳر تي

مون پُراڻي ڪاڳر تي
هڪ نڪور نظم لکيو
بلڪل اُن گهڙي
ڪنهن نئين نويلي ڇوڪري
اسڪول جي في مان تڳايل پيسا
هڪ وڏي عمر جي عورت جي
حوالي ڪري
سندس زمانه شناس ڇپن تي،
پنهنجا سيڪڙا ت
مگر، بيحد گرم ۽ سگهارا
چپ ٿڦڪائي ڇڏيا
بلڪل ائين، جيئن، مس چُٽو
ساڳي ئي لمحي ۾ رکي ويندو
آ متس ڪريل حس کي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# پکي

منهنجو نالو جڏهن ڪنهن پکيءَ جيان
اڏري وڃي تنهنجي زبان تان
آسمان ڏانهن
تڏهن پنهنجو اڪيلو وجود ڪٽي
پنهنجي ويڳاڻي دل ڪٽي
پنهنجي اڌوري زبان ڪٽي
مون وٽ اچجانءِ۔
مان توکي سڃاڻي ولندس
پاڻ کي وساري
توکي ياد رکڻ
ڪيڏو سٺو تو لڳي.
ڇا ڪيان
آئينو به مون کي نٿو ٻڌائي ته مان ڪٿي آهيان
اهو به ته تنهنجو چهرو تنهنجو وجود اڳيان آڻي توکي
ڇا چوانس
ڪهڙو ڏورا پو ڏيانس.
مون به ته اهو ئي چاهيو
ءِ اهو ئي پاتم.
پاڻ کي وڃائي توکي پاتم.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# متان ايئن هجي!

لوڪ سارو سُتو
بلب جاڳي پيا!
گهر جي ڇت متان
اڄ بہ ڪلهہ وانگيان
ڏنڊ ۾ ويڙهيل شهر جي
ٽمڪندڙ روشنين ۾
تڪيان پيو۔
مونکي آهي يقين
ٽمڪندڙ روشنين مان
ڪا روشني
هن جي گهر جي اڱڻ جي بہ
هوندي ضرور.
مان جڏهن بہ هتي
ويهندو آهيان
سوچيندو آهيان
هوءَ جا
منهنجي اڻ پوري
اسڪيچ جو رنگ آ. انگ آ
هوءَ جا منهنجن گيتن جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پوپٽ رنگي سِٽ آ
ها. اها روشني
قوم جي بيڊ تي
ستل ٻه جي هوندي
۽ سپني ۾ مونکي
پسيو ٻه جي هوندئين
ته مُرڪي ٻه هوندي..
يا ائين ٻه هجي
هوءَ ٻه مون جيان
دل ۾ جلندڙ محبت کان
بيچين تي
لوڪ جي مڙني رشتن کي
ٽوري ڇڏي
گهر جي گيلري ۾ اچي
ڳِرل تي هٿ رکي
تورو اڳتي جُهڪي
منهنجي گهر جي اندرين کي
ڏسندي هجي!
منهنجي گهر جي اندرين کي
ڏسندي هجي!!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# 1980ع جي ڊائريءَ مان

مان
اهو دروازو آهيان
جنهن جو ڪو هيو تاڪ نہ آهي
کُلي تہ چا.........
نہ کُلي تہ چا........

■

مان بيحد پيار جي
لائق آهيان
مون کي پيار ڪريو
مون کان پيار وٺو
دوستو!
جيڪڏهن اوهان مون لاءِ
پريمي ٻڻجي ايندؤ تہ
منهنجي مَنَ جي جنرل اسٽور ۾
اوهان پنهنجي لاءِ
هميشہ ڪليئرنس سيل
پائيندؤ.......

■

هر ڪهاڻي ڇيڇڙ ڪان پوءِ
پاڻ سان گڏ ڪي نہ ڪي
اختلاف ڪٺي ايندي آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

مون وٽ لفظن جي
Vocabulary ڪانهي ڪا
۽ مون وٽ چوڻ لاءِ
ڪجهه ڪونهي
نه- ائين بلڪل ناهي!
درحقيقت ڳالهه هيءَ آهي
مون کي
ڪوڙ ڳالهائڻ جي
عادت ناهي.

■

منهنجو موت
تنهنجي سونهن جو
گولڊ ميڊل هوندو.
تنهن ڪري
او منهنجي محبوبا!
جيڪڏهن مان
مري به وڃان
ته تون
نه روئجانءِ!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

موت
زندگيءَ جو
سيڊيسٽ
عاشق آ.

■

بدصورتي
خوبصورتيءَ
جو اشتهار آهي

■

آسمان
ڌرتيءَ جو
غريب عاشق آ
جيڪو جڏهن به
ڌرتيءَ کي مليو ته
قيامت اچي ويندي

■

منهنجي مرڻ سان
ڪيتريون ڪهاڻيون
ڪيترا ناول
ڪيترا ڊراما
مري ويندا.

■



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تون مون کي سڏين ٿو!!؟
مان ته تنهنجي سڏ ۾ آهيان.

■

ڪوئل جي چمڙ ڪان اڳ
سنڌس آواز وجود ۾ آيو.

■

ڪيڏا ويچارا آهن اهي ماڻهو
جي پنهنجن ٻچڙن ڏندن جي وچ ۾
پرائي زبان رکي
ڳالهائيندا آهن.

■

گلدستا سدائين
اهي پنهنجن ٽيبلن تي رکندا آهن
جن جي شخصيت ۾
خوشبو نه هوندي آهي.

■

مجبوريءَ جو ٻيو نالو آ
مزدوري!

■

هر سنڌي پنهنجي وجود ۾
هڪ مڪمل سنڌ آهي.

■



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مان تہ صحرا جيان بي لباس هئس
۽ منهنجو سورج مون کي باهہ جا
ڪپڙا پارائيندو رهيو.

■

دل بہ ازل کان
پنهنجي ناهي هوندي
زندگيءَ جيان.

■



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# TO NELSON MANDELLA FROM Tariq Alam Abro of Sindh Pakistan.

All my golden words
Which I've conceived
During my wakeful nights
Prostrate before your indomitable will.
Your are a bonfire of truth
Which has not can not and shall not be extinguished or cooled down.
In the past present or future
O Nelson Mandela!
You have entered my cowed and sick body
While inhaling the first morning breeze
Whenever flowers of your name grow on my lips
The sacred bird of sanctity
Purchase on the nest of my soul
With stretched wings:
And sing in mono tone:
Nelson Mandela nelson Mandela
Nelson Mandela!
Yes Mandela!
You are sacred soul of beautiful birds
Flying higher and higher into the unfathomable blue skies.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

You are a glowing sun which has never
Faded and whose rays for full
Twenty seven years have pierced
Through high prison walls like spears
Through the hearts and of the despots;
And over shanty dwellings of
All the nationalists of the world
Radiate like petals of sunflower
Nelson Mandela!
You are not the colour of the wings of a butterfly
You are like a peacock feather
Created to find its place in holy books.
Through centuries in the lengthy cold nights
Caught into the waking eyes
Like a dream coming true
You and indeed you
Are the powers of the great poet's art.
An immortal voice
Which has filled the entire world with its echo
And at that echo of your name
Those despots wake up and babble like mod
men:
Nelson Mandela
Nelson Mandela
Nelson Mandela!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

پسن ٿا نيڻ نماڻا، پري پري تائين،
اوهان جا رنگ او راڻا، پري پري تائين.

چنڊ جي لاءِ جيهان ڪي، جڏهن ٻ سوچيوسين،
اوهان جا سڏ ٻراڻا، پري پري تائين.

-



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بڻائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

سورهہ سنڌي ادب جي واٽس ايپ گروپ جي لنڪ:

https://chat.whatsapp.com/Ccc0pAnEJWk79h92OCt6Nu